# ڀٽي ۽ سندس پارٽيءَ
# جي مخالفت ڇو

قمر ڀٽي

ولکم في القصاص حيٰوته يا ولي الالباب لعلکم تتقون

”اي عقل وارو! اوهان جي زندگيءَ جو مدار (ظالم) کان بدلو وٺڻ تي آهي.“

(قرآن)

# پليءَ سنڌس پارٽيءَ جي مخالفت ڇو ۽ ڇا لاءِ؟

پلي دور جي ڪارنامن جو جائزو.

هڪ ستايل جيئي سنڌ ڪارڪن طرفان جيڪو پندرنهن مهينا مختلف ڪيسن ۾ سنڌ جي تقريباً سيني جيلن ۾ رهي تازو سينٽرل جيل سکر مان آزاد ٿيو.

قمر پلي

قيمت:- ٢-٥٠

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# وچور


١- تمهيد
٢- پٿو اسلام جو دشمن آهي
٣- پٿو پاڪستان جو دشمن آهي.
٤- پٿو سنڌ جو دشمن آهي.
٥- هيءَ ظالم آمر حاڪم هو.
٦- هيءُ توڪيباز هو.
٧- هيءُ حد درجي جو ڪوڙو هو.
٨- هن ملڪ کي بداخلاقيءَ جواڏو بنايو.
٩- هن جي دور ۾ رشوت ۽ ڦرلٽ جام هئي.
١٠- هن گوندين ۽ بدمعاشن جي همت افزائي ڪري استحصالي گروهه بنايو هو.
١١- هن شخصي اقتدار قائم رکڻ خاطر پاڪستان کي ڏيوالي جي دروازي تي پهچايو.


---


”هي ڪتاب محمد سومار ٽيبي عارف برقي پريس حيدرآباد مان ڇپائي داد شهيد پبليڪيشن منظورآباد طرفان شايع ڪيو.“

# تمهيد

جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي نائب صدر، عبدالصمد ڪانڊڙي، پاڪستان جي چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر، جنرل ضياءالحق کي هڪ درخواست موڪلي، اُن ۾ ظاهر ڪيو آهي، تہ مسٽر ذوالفقار علي ڀٽي کي جيل ۾ وجهي، ملٽري ڪورٽن طرفان مٿس مختلف ڏوهن هيٺ ڪيسن هلائڻ جو تحسين جوڳو قدم کنيو ويو آهي. مسٽر ڪانڊڙي، ڀٽي تي، پنهنجيءَ درخواست ۾ هيٺيون چارجون مڙهيون آهن:

(١) ڀٽو اسلام جو دشمن هو؛
(٢) ڀٽو پاڪستان جو دشمن هو؛
(٣) ڀٽو سنڌ دشمن هو؛
(٤) هيءُ ظالم، آمر حاڪم هو؛
(٥) هيءُ ڏوڪيباز سياستدان هو؛
(٦) هيءُ حد درجي جو ڪوڙو هو؛
(٧) هن ملڪ کي بداخلاقيءَ جو اڏو بنايو هو؛
(٨) هن جي دور ۾ رشوت ۽ ڦرلٽ عام جام هئي؛
(٩) هن غنڊن ۽ بدمعاشن جي همت افزائي ڪري،

ظالم ۽ استحصالي گروه بنايو هو.

(٢٠) هن شخصي اقتدار قائم رکڻ خاطر پاڪستان کي ڏيوالي جي دروازي تي پهچايو هو.

اهڙيءَ طرح بيان ڪندي، هن پيٽي جي مکيہ پوئلڳن جا ڪارناما ظاهر ڪيا هئا. ڪيترا ماڻهو شايد اهو پڇڻ گهرن تہ هن ڪهڙيءَ طرح مٿس، مٿي بيان ڪيل ڏهہ تهمتون مڙهيون آهن. انڪري، جيئن تہ آئون تازو ظلم جو شڪار ٿي جيل مان ٻاهر آيو آهيان، تنهن ڪري مناسب ٿو سمجهان تہ پيٽي تي لڳايل ڏهن الزامن بابت مختصر وضاحت، پنهنجي هن مضمون وسيلي، پنهنجيءَ سمجهہ آهر بيان ڪريان.

**قمر پيٽي**

ميمبر جيئي سنڌ اسٽوڊنس فيڊريشن.

(تازو آزاد ٿيل قيدي سينٽر جيل سکر مان)

# ٨

# ڀٽو پاڪستان دشمن ڪهڙي طرح هو؟

ڀٽي جي سياسي زندگيءَ جو مقصد، ڪرسي حاصل ڪرڻ، پنهنجي پوئلڳن جا پيٽ ڀرڻ ۽ اقتدار قائم رکڻ رهيو آهي. ان سلسلي ۾ هن جا هيٺيان ڪجهه ڪم مثال طور پيش ڪجن ٿا:

(١) هيءُ جنرل ايوب کي ”بابو“ (DADY) سڏيندو هو. ان لاءِ هن چيو هو ته ”هيءُ ابرهام لنڪن، صلاح الدين ايوبي، لينن ۽ مصطفيٰ ڪمال جو ثاني هو. جيڪڏهن شاهه لطيف زنده هجي ها ته ايوب خان کي گلن جا هار پارائي ها.“

جنرل خان، اهو ماڻهو هو، جنهن پاڪستان ۾ جمهوريت کي ختم ڪري، مارشل لا لڳائي، ڏهه سال آمرانه دور حڪومت هلايو هو. هن (ڀٽي) ان کان بچڙا ڪم ڪرائي، پوءِ هندستان سان جنگ ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو. جنگ ۾ نقصان سهڻ بعد، اقوام متحده جي دست اندازيءَ ڪرڻ وقت، نيويارڪ ويندي انگلنڊ جي هوائي اڏي تي بيان ڏنو هو ته ”هزار سالن تائين ڪشمير جي لاءِ جنگ ڪنداسون.“ ليڪن ڪانفرنس

جنهن جي خبر پنجاب جي اخبارن ۽ رسالن ۾ آئي. ماڻهن وٽ پٽي جا ڪيترا فوٽا موجود آهن، جن ۾ هيءَ شراب پي، حال مان بي حال بنيل ڏيکاريل آهي. هن جون اڪثر مجلسون شراب خوريءَ سان گرم ٿينديون هيون.

(٢) **اسلام ۾ زنا قبيح ڪم آهي،** پر اُن جو ڪندڙ واجب‌القتل ٺهرايو ويو آهي. ٽوءِ پٽو مشهور معروف زاني آهي، هن جي زنا جا ڪيترا مثال پيش ڪري سگهجن ٿا. نہ صرف ايترو، پر هن ڪيترن ٻاهرين مهمانن کي راضي ڪرڻ لاءِ دوستن جي معرفت يا ڪوثر نيازيءَ جي معرفت زنا ڪرڻ جا انتظام ڪرايا هئا. هن مسلم سربراه ڪانفرنس جي وقت ٻاهران آيل مهمانن جي عياشيءَ لاءِ سوين عورتون مهيا ڪرڻ جو انتظام ڪرايو هو.

(٣) هن ماڻهن کي ڌوڪي ڏيڻ لاءِ شعبہ اسلاميات جي وزارت جي چارج ڪوثر نيازيءَ کي ڏني هئي، جيڪو مشهور "مفعول" رشوتي، عرب ۾ رهندڙ پاڪستاني معلمن کان رشوت وٺندڙ ۽ ٻاهرين معزز ماڻهن کي رنن سپلاءِ ڪرڻ ۾ ماهر هو. هڪ ٻاهرئين مسلم حاڪم کي عاليا ۽ بابرا فلم ايڪٽريسون سپلاءِ ڪرڻ ۽ پين اهڙن دلاليءَ جي ڪمن ۾ حصي وٺڻ جا، ڪوثر نيازيءَ جا قصا هر ڪنهن جي زبان تي عام آهن. هي اسمگلر هو، حج جي موقعي تي وڃڻ وقت ٻاهران سستيون شيون آڻي، هتي مهانگي اگهہ سان وڪڻندو هو.

(٤) پنو صاحب، هڪ کان وڌيڪ شادين ڪرڻ جو ڏوهي هو. ٻن زالن کان پوءِ حسنہ شيخ سان ٻنا اجازت جي شادي ڪري، ان کي ڪروڙين روپيا ڏئي، ٻاهر موڪليو اٿس.

(٥) اسلام ۾ ماءُ جي عزت ڪرڻ جو حڪم ڪيل آهي، ليڪن هن ماءُ کي عذاب ڏئي ماريو.

(٦) هن ڳالهہ اسلامي شريعت ۽ قانون جي ٽي ڪئي، پر ملڪ ۾ بنڪون جاري هيون، جن ۾ وياج وٺڻ ۽ ڏيڻ قانوني جائز هو.

(٧) اسلام ۾ ناحق خون ڪرائڻ وڏو ڏوهہ آهي. هن سوين مخالفن جا خون ڪرايا ۽ سوين مخالفن کي ڪيسن هلائڻ کان سواءِ جيلن ۾ وڌو هو.

مٿين ڪارنامن کان پوءِ بہ حڪومت کي اسلامي سڏي، پنو ماڻهن کي ڌوکو ڏيندو رهيو. پڙهندڙ غور ڪري ڏسن تہ مٿين ڪمن ڪندي هن اسلام جي ساک وڌائي ٿي يا سندس اهي ڳالهيون اسلام دشمنيءَ جي مترادف هيون!

# ڀٽو اسلام دشمن ڪهڙي طرح آهي؟

قـرآن ۾ لکيل آهـــي " لم تقولون مالا تفعلون . " يعني- "اهو ڇٺو نه، جيڪو ڪري نه سگهو." ان کان سـواءِ ايمـان جـي صفتن مـان هڪ صفت آهـي تـه "تصديق بالقلب و اقرار بالسان." يعنـي "مذهـب جـي اصولن تـي) دل سـان تصديق ڪجي ۽ زبان سان بـه اقرار ڪجي."

انهن ٻن ڳالهين کي اڳيان رکي اچو ته ڏسون، ته ڀٽي اسلام دشميءَ جا ڪهڙا ڪم ڪيا آهن.

اسلام وحدت خيال ۽ عمل جو دين آهي، اهو عمل صالح ڪرڻ جـي تلقين ڪري ٿـو. ليڪن ڀٽو صاحب ڳالهه اسلام جي ڪري ٿو ۽ عمل ان جي خلاف ڪري ٿو. ان لاءِ هن جي ساري زندگي زنده مثال آهي، ليڪن چند مثال ثبوت طور پيش ڪجن ٿا:

**( ا ) قرآني تعليمات موجب شراب پيئڻ حرام آهي.** پر ڀٽو نـه صرف شراب پيئي ٿو، پر ٻين ماڻهن کي به پياري ٿو. گذريل مسلم سربراه ڪانفرنس وقت، هن لکين روپين جـو شراب مهمانن لاءِ گهرايو،

۾ صلح لاءِ رضامند ٿيو. پنهنجي رضامنديءَ ڏيکارڻ جي باوجود، بعد ۾ جنرل ايوب خلاف چوڻ لڳو ته هن ان جي زور بار وجهڻ تي صلح تي رضامندي ڏيکاري هئي. پر اها حقيقت آهي ته صلح جو ٺهراءُ، جنهن ڪئبنيٽ پاس ڪيو هو، ان ۾ هن رضامندي ڏيکاري هئي ۽ ڏر بنيل هو. باوجود ان جي، هيءُ ظاهر ڪرڻ لڳو هو ته پاڻ هندستان سان ڪشمير جي مسئلي تي صلح ڪرڻ جي خلاف هو.

(٢) هن پوءِ تاشقند ۾ وڃي، هندستان سان سمجهوتي تي صحيح ڪري، بعد ۾ ظاهر ڪيو تہ جنرل ايوب سندس مرضيءَ جي خلاف اٿين ڪيو هو. ان تي امريڪا ۽ روس جي حڪومتن، جنرل ايوب کي اطلاع ڏنو تہ هيءُ اهڙا ڪم پيو ڪري، جن مان پاڪستان کي نقصان پهچندو. تنهن ڪري جنرل ايوب کيس وزارت مان ڪڍي ڇڏيو. هندستان سان لڙائيءَ ۾ لشڪر جا ڪيترائي پنجابي ماڻهو مئا هئا ۽ ملڪ جا ڪجهه حصا ويا هئا. ان ڪري ان جنگ مان پنجاب وارا ناراض ٿيا هئا. انهن جي ناراضگيءَ جو موقعو وٺي، هن ملڪ ۾ ايوب خان (بابي) خلاف مخالفت کي ڀڙڪايو. ٻئي طرف بنگال وارا، شيخ مجيب الرحمان تي ٿيل بغاوت جي ڪيس جي ڪري ناراض هئا. لاچار ٿي، ايوب خان ملڪ ۾ ناراضگي محسوس ڪري، استعيفا ڏني، حڪومت جي واڳ جنرل يحيٰ جي هٿ ۾ ڏني، جنهن پنهنجي کي

وري نوڪريءَ ۾ رکيو.

(٣) جنرل يحيٰ خان ونيونٽ ٽوڙي، ننڍن صوبن کي هڪ طرف راضي ڪيو، ته ٻئي طرف هڪ ووٽ هڪ ماڻهوءَ جي آڌار تي چونڊن ڪرائڻ جو وعدو ڪيو، جنهن موجب بنگال کي نمائندگيءَ ۾ اڪثريت ملي. چونڊون ٿيون، جن ۾ بنگال کي مڪمل اڪثريت نصيب ٿي. پنهنجي نيت خراب هئي، ان ڪري هن بيان ڏنو ته مغربي پاڪستان ۾ هن کي اڪثريت آهي، ان ڪري ڪيس وزارت ۾ شامل نه ڪيو ويو ته بغاوت ڪندو. اها ڳالهه هڪ طرف جمهوري اصولن جي خلاف هئي، ته ٻئي طرف يڪي پاڪستان جي تصور کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي برابر آهي.

(٤) هن ١٨ جنوري ١٩٧١ع تي جنرل يحيٰ خان ۽ ٻين جنرلن کي لاڙڪاڻي ۾ شڪار لاءِ گهرائي صلاح ڏني ته اهل بنگال کي حڪومت سپرد نه ڪئي وڃي. بنگالين ۾ بغاوت ڪرڻ جي طاقت نه آهي، جيڪڏهن ڪيائون به ته، پنج ڏهه هزار ڪن ماڻهو مارائڻ بعد ٺاپر ٿي ويندي. ان سان هن جا ٻه مقصد هئا: هڪ ته ساري ملڪ تي مغربي پاڪستان جي ملٽريءَ جي حڪومت ٿيندي. جنهن جي صلاحڪار هئڻ ڪري طاقت سندس هٿ ۾ رهندي. پر جيڪڏهن اڀرندو پاڪستان جدا ٿي ويو ته مغربي پاڪستان جي حڪومت جي واڳ هن جي حوالي ٿيندي، ان بعد جنرل يحيٰ خان سان

گڏجي بنگال ويو. صلح ۾ رنڊڪ وجهي، مارشل لا لاڳو ڪري، بنگال جي عيوضين تي حملو ڪرائي قتل عام شروع ڪرايو ويو. هتي ڪراچيءَ ۾ اچڻ بعد، پٺتي صاحب ڪراچيءَ جي هوائي اڏي تي جنرل يحيٰ خان جي قدم ڪي ساراهي چيو ته ”جنرل يحيٰ خان بر وقت قدم کڻي، پاڪستان کي بچائي ورتو.“ پوءِ هندستان خلاف پروپيگنڊا شروع ڪرائي ڀارت تي حملي ڪرڻ جو جنرل يحيٰ کان اعلان ڪرايائين. جنهن ڪري، اڀرندو پاڪستان هڪ طرف جدا ٿي ويو، نوي هزار فوجي هٿيار ڦٽا ڪري هندستان جا قيدي بڻيا، ۽ الهندي پاڪستان جو ڪجهه حصو ڀارت جي هٿ هيٺ اچي ويو. جيڪڏهن آمريڪا، روس جي معرفت ڀارت تي زور وجهائي، صلح نه ڪرائي ها ته سارو پاڪستان ختم ٿيڻ جو امڪان هو. اهو سمورو ڪم، هن پٺتي نمبر مربيءَ (يحيٰ) کي ڪڍي، پاڻ کي اقتدار ۾ آڻڻ لاءِ ڪيو. نتيجو اهو نڪتو جو پاڪستان جا رهاڪو يحيٰ خان جي برخلاف ٿي پيا ۽ يحيٰ خان کي مجبورن استعيفا ڏيڻي پئي. هن استعيفا ڏئي، مغربي پاڪستان ۾ حڪومت جي واڳ پٺتي کي مرڪزي اسيمبليءَ ۾ اڪثريت هئڻ سبب ڏني. جنهن هيٺيان ڪم ڪيا:

١- شيخ مجيب الرحمان کي آزاد ڪري، ان کي جدا حڪومت ڄاهڻ لاءِ حالتون سازگار بنائي ڏنيون.

٢- بنگلا ديش جي جدا سلطنت کي تسليم ڪري،

پاڪستان کي ٻه ٽڪرا ڪيو.

٣- سرحد ۽ بلوچستان ۾ بغاوت کي تارڻ لاءِ انهن صوبن ۾ خود مختياري ڏيڻ جي وعدي تي، پٺاڻن ۽ بلوچن جي چونڊ تي سندن وزارتون مقرر ڪيون. پر هن کي سڄي ملڪ تي پنهنجيءَ حڪومت قائم ڪرڻ جو حرص هو، ان ڪري سرحد ۾ نعيم جي مخالف خان قيوم خان ۽ بلوچستــان ۾ غــوث بخش رئيسانيءَ کـي مرڪزي حڪومت ۾ وزير مقرر ڪري، صوبائي حڪومتن خلاف بغاوتون شروع ڪرايائين.

٤- بعد ۾ هن ڀارت سان مقبوضه ڪشمير ڏيڻ جو ڳجهو ناهه ڪري، لشڪر ۽ ملڪ جا حصا واپس ورتا. پر جنهن صورت ۾ اهي وعدا ظاهر ڪرڻ يا پورا ڪرڻ هن جي اقتدار لاءِ هاڃيڪار ٿين ها، ان ڪري ماڻهن کي ڏوڪو ڏيندو آيو ته ڪشمير جــو سوال اڃا حل ڪرڻو آهي. نتيجي طور پاڪستان جا ڀارت سان تعلقات پوريءَ طرح سڌري نه سگهيا.

٥- هن پاڪستان جي وچايل وقار کي درست ڪرڻ لاءِ سڀني مسلمان ملڪن جــي ڪانفرنس گهرائڻ جــو ناٽڪ رچايو. اتي جيڪي وهيو واپريو، ان کي ريڊيي، ٽيليويــزن ۽ اخبارن ذريعي نهايت شهرت ڏيئي، پنهنجي اسلام دوستيءَ ۽ مشتهريءَ جــي نمائش ڪئي. پــر ان هيٺان مان نقصان پهتا:

(الف) ان موقعي تي ٻاهران آيل صاحبن کي رنون

آزادي برقرار رهي، نہ عزت ۽ جان سلامت رهي. ڪيترا سياسي خون ڪرايا ويا. ڪيترن ماڻهن کي جيلن ۾ موڪليو، ساڻن طرح طرح جون اذيتون ۽ بيعزتيون ڪرايون ويون، ۽ دنيا ۾ اهو مشهور ڪرايو ويو ته سارو پاڪستان ملڪ جي دشمن سان پريو پيو هو، ان ڪري ڪارن قانونن جي قائم رکڻ کان سواءِ هلي نہ سگهندو. نعپ ۽ جيئي سنڌ وارن تي ڪيس هلائي، ڪين جيلن ۾ وڌو ويو. جڏهن هن ڏٺو تہ ملڪي سياسي آزادي کي سلب ڪري ڇڏيو اٿم، تہ اليڪشن ڪرايائين. پر اندر ونيءَ اختلاف وڌيل ڏسي، ڌانڌليون ڪرائي ڏنڊي جي زور تي پنهنجا اميدوار چونڊايائين. جنهن ڪري فساد ٿيا. جيڪڏهن ملٽريءَ وارا ترت قدم کڻي، هن مان ماڻهن جي جند نہ ڇڏائين ها، تہ سوَل وار ٿي ملڪ ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃي ها.

(۷) هن وقت پاڻ ۾ سنڌس پوئلڳ صوبن جي وچ ۾ اختلاف وڌائي رهيا آهن. سنڌين کي چون ٿا تہ پنجابي، مهاجر ۽ پٺاڻ ڪين ختم ڪرڻ گهرن ٿا. تہ پنجابين ۽ مهاجرن کي ائين پيو چيو وڃي تہ سنڌي، پٺاڻ ۽ بلوچ پاڪستان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جو سوچي رهيا هئا. جيڪڏهن هن جو وجود نہ هجي ها تہ ملڪ ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃي ها، وغيره.

# پٽو سنڌ دشمن ڪهڙيءَ ريت آهي؟

پٽو پاڻ کي سنڌي سڏائي ٿو. سندس چاڙتو ممتازعلي پٽو، اهڙو ڍنڍورو پٽيندو ۽ پرچار ڪندر رهي ٿو. ليڪن جيڪڏهن حقيقت جي نظر سان ڏسبو تـہ معلوم ٿيندو تہ هن ماڻهوءَ جو نـہ اسلام سان واسطو رهيو آهي، نہ پاڪستان جي سلامتيءَ ۽ اتحاد سان ۽ نہ سنڌ جي حقن جي حفاظت طرف هـن ڪو ڌيان ڏنو آهـي. هن جو مقصد، سندس شخصي اقتدار قائم رکـڻ رهيو آهي. ان ڪري هيءُ اقتدار جـي حصول ۽ قيام لاءِ هـر حربو هلائڻ کان نہ هبڪيو آهـي. سنڌين سان هن جي دور-حڪومت ۾ جيڪي ظلم ٿيا آهن، اوترا گذريل ٻن سو سالن ۾ ڪڏهن بہ نہ ٿيا هئا. بلڪ جيڪڏهن ائين ڪٿي چئجي، تہ هي ماڻهو سندس ذاتي اقتدار خاطر سنڌين جو جاني دشمن ٿي رهيو آهي تہ ٺيڪ ٿيندو. ان جو سمورو ذڪر ڪبو تہ ڪتاب پرجي ويندا. ليڪن مختصر طور ڪجهہ هيٺ بيان ڪجي ٿو:

(۱) هن، هڪ طرف ممتاز علي پٽي پاران سنڌيت جو پرچار ڪرايو ٿي، تہ ٻئي طـرف سنڌين جي هزارن

ورهين جي جداگانہ قومي وجود کان انڪار ڪري، سنڌين کي پاڪستان جي آئين ۾ هميشه لاءِ اقليت بنائي ڇڏيو آهي، جنهن ۾ سنڌي ٢١ سيڪڙو حيثيت رکن ٿا.

(٣) هن سنڌي نوجوانن کي ٺوڪي ڏيڻ لاءِ، ١٩٧٢ع ۾ پنهنجي حواري شاگرد، لالا قادر جي هٿ هيٺ شاگردن جي هڪ گروه کي پئسا ڏئي، سنڌيونيورسٽي اولڊ ڪئمپس ۾ شاميانا هڻائي، بک هڙتال تي ويهاريو هو. جي: ”سنڌي ٻوليءَ کي ملڪ جي قومي ٻولي بنايو وڃي.“ وغيره ليڪن ڪجهہ وقت کان پوءِ ڪين پنهنجي دلالن، مخدوم هالا ۽ پير غلام رسول شاهہ معرفت اهو يقين ڏياريو تہ سرڪار جلد سنڌي ٻوليءَ کي قومي ۽ سرڪاري ٻولي بنائيندي. ليڪن جلد ئي پٽي صاحب اردوءَ کي قومي زبان بنائي ان وعدي کي ختم ڪري ڇڏيو. جڏهن سنڌين طرفان زور ڀريو تہ چيائين تہ قومي ٻولي تہ اردو ٿي وئي، هاڻي سنڌيءَ کي سنڌ صوبي جي سرڪاري ٻولي بنايو ويندو. جا درحقيقت انگريز حڪومت جي دور کان وٺي منظور ٿيل هئي. ليڪن جڏهن سنڌ اسيمبليءَ اڳيان بل آندو ويو تہ ان کي صوبائي زبان جو درجو ڏنو ويو. اسيمبليءَ ۾ اڪثري ميمبر- جن اهو بل پاس ڪيو- پيپلس پارٽيءَ جا هئا. ٦٢ مان ٥١ ميمبرن ان بل جي فائدي ۾ ووٽ ڪيو ۽ صرف ١١ اردودان ميمبرن مخالفت ڪئي. پوءِ مهاجرن فساد ڪيا، جن ۾ سنڌين جا گهر لٽيا ويا ۽ وزيرن جي

بيعزتي ڪئي وئي. ان تي سنڌ جي سائينءَ محترم جي. ايم. سيد سنڌي زبان جي حفاظت لاءِ سنڌ جو دورو ڪيو، پر ان کي پڻ حڪومت نظربند ڪيو. ۽ مرڪزي سرڪار طرفان بل جي منظوري روڪائي، ان ۾ ترميم آڻائي، سنڌ کي ٻن زبانن جو صوبو بنايو. اهو صرف اردودان مهاجر ميمبرن جي رضامنديءَ لاءِ ڪيو ويو هو. ان ڪري صوبائي حڪومت جي اختياري ختم ڪئي وئي. سابق وزير اعليٰ سنڌ، ممتاز علي ڀٽو اها بيعزتي سهي ويو. ان سان انداز تي سگهي ٿو، ته هي صاحب اقتدار جا ٻکيا هئا ۽ نه سنڌ جا خيرخواهه. جيتوڻيڪ ان وقت صرف بل جو مسئلو هو، پر هن مهاجرن کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪين ٻارهن سالن لاءِ سنڌي سکڻ جي معافي ڏيئي ڇڏي. (ياد رهي ته انگريز حڪومت جي ڏينهن ۾، سنڌ ۾ هر ڪيل سرڪاري نوڪر کي ٦ مهينن اندر سنڌي سکڻ لازمي قرار ڏنل هو.) ان کان سواءِ، مهاجرن کي راضي ڪرڻ لاءِ گورنر، چيف سيڪريٽري، آءِ. جي پوليس ۽ ٻين عهدن تي غير سنڌي مقرر ڪرڻ وعدا به ڪيا. ان کان پوءِ پڻ ساريءَ سنڌ جو گشت ڪري سنڌين کي هدايت ڪئي ته مهاجرن خلاف ڪجهه نه ڪن. جڻ ته گناهه سنڌين ڪيو هو. پر جڏهن هن حيدرآباد ۾ لطيف آباد جو دورو ڪيو ته مهاجرن ڪيس اگهاڙو ٿي، گاريون ڏئي، بيعزتو ڪيو. پر هن بيغيرت انسان اقتدار جي قيام خاطر ان کي نه صرف سٺو، پر

ٽيليويزن تي تقرير دوران ٻانهون ٻڌي، ڪين پنهنجي ڏنل
ٻن ڀيڻن جو مهابو وجهي، معافي گهري. اهڙي ماڻهوءَ
کي سنڌين جو خير خواهه سڏڻ صرف سندس دلالن ۽
نيمڪ خوارن کان پڇي سگهجي ٿو.

(٣) هن چاڻي واڻي سنڌي قوميت کي ختم ڪرڻ
لاءِ سنڌ کان ٻاهر جي غير سنڌي ماڻهن- پٺاڻن، بهارين
۽ پنجابين کي آئين موجب سنڌ ۾ اچي رهڻ ۽ جائداد
خريد ڪرڻ جي کلي اجازت ڏيئي ڇڏي. جنهن ڪري،
هن جي دور حڪومت ۾ ٢٥ لک ٻاهريان ماڻهو اچي
سنڌ ۾ آباد ٿيا. جيڪڏهن اها حالت جاري رهي ته ڪجهه
وقت کان پوءِ اصل سنڌي، پنهنجي ملڪ ۾ ٿورائيءَ ۾
ٿي ويندا. ان هوندي به ڀٽي جي رعايتن تي پليل، راشن
ڊيپن وارا ۽ ڪي ڪامورا، سنڌي ماڻهن کي برغلائي
رهيا آهن ته ڀٽي جي حڪومت وڃڻ سان سنڌ ختم ٿي
ويندي، سا ڳالهه ڪيتريقدر صحيح ٿي سگهي ٿي!

ڀٽو سنڌين سان منافق ٿي رهيو آهي. ڪافر کان
منافق جو درجو گهڻو خراب آهي. رسول مقبول، عبدالله
بن ابيه جي "مسجد ضرار" به ان ڪري ڊهرائي ڇڏي
هئي، جو هو ظاهريءَ طرح مسلمان ٿيو هو، پر پنهنجيءَ
مسجد ۾ ويهي، رسول ۽ مسلمانن خلاف سازشون سٽيندو
هو. ڀٽو، نالي جو سنڌي آهي، پر سنڌ لاءِ مهاجرن،
پنجابين ۽ بهارين کان وڌيڪ خراب ۽ خطرناڪ آهي.
مهاجرن ۽ پنجابين جي دست درازين خلاف سڀ کان

اول اسان جيئي سنڌ وارن احتجاج ڪيو هو ، جنهن ڪري هن اقتدار جي بکئي، مهاجرن ۽ پنجابين کي راضي رکڻ لاءِ اسان کي ڊي- پي- آر ۽ ٻين ڪيترن ڪارن قانونن هيٺ نظربند ڪيو، شرمناڪ سزائون ڏنيون ۽ ڏنپ ڏياريا. هاڻ جڏهن ته هن جي خلاف مهاجر۽پنجابي ٿي پيا، ته هيءَ ڪهڙيءَ طرح سٺو سنڌي ٿي پيو؟ ان مان پاڻ اهو ثابت ٿئي ٿو ته مهاجر ۽ پنجابي هن جي بد اعمالن ۽ بد ڪردارين ڏسڻ بعد، جيڪڏهن برخلاف ٿيا آهن ته اهي پاڻ حق بجانب آهن. هنن کي دير سان پتي جي ٻراين جو پتو پيو آهي، پر چوڻي آهي ته "دير آيد درست آيد" جيڪڏهن ڪو رهزن، ڌاڙو، خوني ۽ بداخلاق ماڻهو اسان سان جنگ ڪري رهيو هجي، ۽ ڪو اسان جو مخالف اسان جي مدد ۾ اچي، ته اسان ڪهڙيءَ طرح ان مدد کي ناجائز ٺهرائي سگهون ٿا!

(٣) هن نه رڳو سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري ۽ قومي زبان بنائڻ کان انڪار ڪيو، پر سنڌي اخبارن، رسالن، ڪتابن ۽ پبليڪيشن تي بندشون وڌيون، پريسون سيل ڪري، سنڌي آواز کي گهٽڻ جي ڪوشش ڪئي هئي- ۽ ٻئي طرف ٻين ٻولين جي اخبارن، ڪتابن ۽ رسالن کي کلي اجازت ڏني هئائين. هيءَ ذليل ماڻهو گهر ۾ اڪثر انگريزي ۽ اردو ڳالهائيندو آهي. هن جون ٻه زالون غير سنڌي آهن- سنڌي جنهن جي ٽي زال-

ملڪيت ڪاڻيو ويٺو آهي- وٽس وچي ٿي ڪونه . سندس ٻاو پوري سنڌي به نٿا چاهن.

هن جهڙي سنڌ جي سوين ڪارڪنن کي جيلن ۾ موڪلي، ڏهن يا ٻارهن جدا جدا ڪيسن ۾ ڦاسائي، اندر طرح طرح جا عذاب ڏياريا هئا ۽ ڪن کي مارايو هو. ٻئي طرف پير صاحب پاڳاري جي سوين مريدن کي جيل ۾ موڪليو ويو ۽ ڪيترن کي مارايو ويو. انهن مان ڪي ان خوف کان لڏي، ملڪ ڇڏي ٻاهر هليا ويا هئا. وري به شاباس هجي ملٽري حڪومت کي، جنهن سوين اهڙن بيگناهه ماڻهن کي ضامن تي آزاد ڪرايو آهي ۽ ڊي- پي- آر جو آرڊر رد ڪيو آهي. آخر اهي سنڌي ڪونه هئا. باقي سنڌ جي بچاءَ جي واڳ هن بي اصولي جي هٿ ۾ وڃي رهي آهي! پير صاحب پاڳارو شريف النسل سنڌي آهي ۽ سندس والد انگريزن سان بغاوت ڪري، غازي ٿي سر ڏنو. سائين جي- ايم- سيد ساري زندگي سنڌين جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي. قيد ۽ سزائون ڪاٽيون، جن جو عرصو ١٥ سالن کان به مٿي ٿيندو. سي سڀ ٿيا غير سنڌين جا حامي ۽ سنڌين جا دشمن ۽ هي ۽ زاني، شرابي، ڌارين جو غلام، انگريز سرڪار جي پرورده خاندان جو فرد، اسلام پاڪستان ۽ سنڌ جو دشمن تنهن جي هٿ ۾ جيڪڏهن سنڌ جي حڪومت جي واڳ ملي ته جائز ٿيو.

غيرتمند سنڌيو! ڪو هوش ڌاريو ۽ لالچ تي اندا

رهيو آهي. جن کي راضي ڪرڻ لاءِ اٿين ڪيائين، سي
بہ منجهانئس سندس ڏوڪيباز چال ڪري ناراض آهن.
سنڌي اڳي سمجهيو ويٺا هئا تہ هيءُ بي ضمير ساندي
جهڙو جانور آهي، جو موسم مطابق رنگ بدلائي ٿو، سو
ڪڏهن بہ سنڌ ۽ سنڌين جو خيرخواه ٿي نہ سگهندو۔ ۽
پاڪستان ۽ اسلام کي ان مان فائدو نہ ٿيندو آهي.
تنهنڪري هو مٿس لعنت ملامت ڪن ٿا، سواءِ چند
انهن ماڻهن جي، جن کي هن پرمٽن، راشن شاپن، سمگلنگ
۽ بلئڪ مارڪيٽيءَ وغيره ذريعي مالا مال ڪيو هو.
باقي سڀ هن سان ناراض آهن. هن کي سنڌي سڏڻ
اهڙو آهي جهڙو سوئر کي مينهن سڏڻ!

(٧) سنڌ جدا ملڪ آهي، جو اقوام متحده ۾ شامل
ٿيل ١٢٩ ملڪن مان اٽڪل هڪ سو ملڪن کان ايراضي،
آبادي ۽ پيدائش ۾ وڌيڪ آهي. ان مان وصول ٿيندڙ
ٽيڪسن، جهڙوڪ: انڪم ٽيڪس، سيلس ٽيڪس، ايڪسائيز
ڊيوٽي ۽ ڪسٽمس وغيره جا اٽڪل ساڍا ٩ سو ڪروڙ
روپيا ساليانہ ٽيڪس ادا ڪري ٿو، سي سڀ هن نئين
آئين مطابق مرڪزي حڪومت جي حوالي ڪيا آهن،
جن مان ٻہ سيڪڙو بہ سنڌ جي ڀلائيءَ تي خرچ نٿي
ڪيو ويو. انهن جو فائدو غير سنڌين کي ڏياريو وڃي
ٿو، جنهن جو گهڻو حصو لشڪر تي خرچ ٿئي ٿو.
جنهن ۾ هڪ سيڪڙو بہ سنڌين کي نمائندگي نصيب
نہ آهي. جنهن مان مکيہ ڪم اهو ورتو ٿي ويو تہ پنهنجي

کي اقتدار ۾ رکي، مڪاني قومين کي ختم ڪيو ٿي ويو. اهي ڪم سڀ ان سنڌيءَ طرفان سرزد ٿين ٿا، جنهن کي سنڌي سڏڻ به گناهه آهي.

(٨) سنڌ ۾ اٽڪل ٢١٠ ڪروڙ ايڪڙ لائق آباد زمين آهي. سنڌي آبادگارن جو تعداد ستر لک آهي، جيڪڏهن زمين مساوي طرح ورهائي وڃي ته في مانهوءَ کي ٣ ايڪڙ زمين مس نصيب ٿيندي. جيڪڏهن في ڪٽنب پنجن ڀاتين جو شمار ڪيو وڃي ته ١٥ ايڪڙ في ڪٽنب زمين مس ملندي. جيئن ته پاڻي پورو ڪونه ٿو ملي ان ڪري اها زمين واري تي آباد ٿئي ٿي. ان مان ڪيتري زمين باراني آهي، ڪيتري ڪچي ۾ آهي ۽ ڪيتري زمين پاڻيءَ پوري نه ملڻ ڪري آباد ٿي نه ٿي سگهي، ته به هن ڏوڪيداز جي پاليسيءَ ڪري اٽڪل ٽيون حصو زمين غير سنڌين جي هٿ ۾ اچي ويو آهي، جنهن مان ٤٠٠ ڪروڙ روپيا ساليانا صوبي سنڌ کان ٻاهر وڃن ٿا. سنڌ مان پيسي جي روانگيءَ تي بندش نه آهي، زمين، واپار، نوڪريءَ وغيره جي ذريعن وسيلي سنڌ مان اٽڪل ١٥ سو ڪروڙ روپيا ساليانا ٻاهر وڃن ٿا. سنڌ غريب ٿيندي وڃي ٿي. اهو سڀ ڪارنامو هن جي غلط پاليسيءَ سبب وجود ۾ اچي ٿو ۽ هيءُ ناز ڪري ٿو ته هن پاڪستان کي آئين ڏنو آهي!

(٩) سنڌ ۾ جيڪي ڪارخانا برپا ڪيا ويا آهن،

انهن لاءِ پاليسي اهڙيءَ طرح مرتب ڪئي ويئي آهي، جو ٩٥ سيڪڙو ڪارخانن جو غير سنڌين جي حوالي ۾ آهي. جنهن جي ڪمائي ۽ فائدو انهن کي حاصل ٿئي ٿو، جي ان کي ٻاهر ملڪن ۾ موڪلي سيڙائن ٿا يا ٻين صوبن ۾ موڪلين ٿا. وڌيڪ ظلم اهو آهي ته انهن ڪارخانن ۾ ٩٠ سيڪڙو مزدور ۽ ڪارڪن غيرسنڌي رکيا ويا آهن، جي پيسا ڪمائي ٻاهر موڪلين ٿا. مرڪزي حڪومت جون نوڪريون اڳيئي غير سنڌين جي حوالي ۾ ڏنل آهن، جن لاءِ سنڌ ٨٠ سيڪڙو روپيا ٽيڪس طور مهيا ڪري ٿي.

انهيءَ پاليسيءَ ڪري سنڌين جي آبادي ٿوري وقت ۾ تبديل ٿي، اقليت ٿي وينديي ۽ اصل سنڌي اڇوتن جي زندگي گذارڻ لڳندا. سياست، اقتصاديات، نوڪرين ۽ پيسي تي جملي قبضو غير سنڌين جو ٿي ويندو. پر جاهل سنڌي هن جي ڏوڪي ۾ اچي ڪيس سنڌين جو همدرد ۽ سنڌي حقن جو رکپال سڏين ٿا ۽ ”جيئي پڻو“ جو نعرو هڻن ٿا، ته اهڙن ماڻهن جي عقل تي روئڻ کان سواءِ ٻيو چارو ڪونه آهي.

(١٠) سنڌ جي بندي ۽ ٻاهرئين واپار لاءِ پاليسي مرڪزي سرڪار جي معرفت رٿجي ٿي. ان ۾ هن صاحب سنڌس پارٽيءَ جي فنڊن هٿ ڪرڻ ۽ ٻين طرح طرح جي طريقن تي راضي ٿي، اهڙي پاليسي مقرر ڪئي هئي جو انهيءَ واپار جي هڪ هٿي غير سنڌين جي حوالي

ڪري، سنڌين کي مجبور ۽ مسڪين بنايو ويو آهي. حي سنز جو مثال اکين اڳيان آهي.

(١١) بئنڪون مرڪزي حڪومت جي اختيار ۾ رهڻ ڪري پاليسي اهڙيءَ طرح مرتب ڪئي وئي آهي، جو ملڪ جي پيسي تي سمورو اختيار غير سنڌين جي حوالي ۾ ڏنو ويو آهي. بئنڪن کي قومي ملڪيت بنائڻ (جن ۾ جملي هڪ سيڪڙو به سنڌي رکيل نه آهن) مٿان جملي پاليسي مقرر ڪرڻ جو اختيار به هنن جي حوالي ۾ رهيو آهي. تازو بارشن جي ڪري گهرن جي ڊهڻ جي امداد، زراعت جي واڌاري، ٻج ۽ پاڻ جي نالي ۾ سوها ڪروڙ روپيا ماڻهن ۾ ورهايا ويا هئا، جن جو ٩٠ سيڪڙو بوگس ماڻهن ۾، جي اڪثر پيٽي جي پارٽيءَ جا ڪارڪن هئا، ورهايو ويو. هاڻ کين اهو ذهن نشين ڪرايو وڃي ٿو ته اليڪشن اچي ٿي- پيٽي صاحب کي ووٽ ڪيندا، ان کي ووٽ ڏيندا ته اهي قرض هو معاف ڪري ڇڏيندو. هن وقت جڏهين پيٽي جي حڪومت ختم ٿي آهي ته سندس حواري اها ڳالهه مشتهر ڪري رهيا آهن ته پيٽي کي طاقت ۾ آڻيندا ته هو قرض معاف ڪري ڇڏيندو، نه ته هي ملان ۽ ملٽري وارا اوهان کان زوريءَ اهي رقمون وصول ڪندا. ان جي معنيٰ اها ٿي ته اهي قومي ٽيڪسن جا سوين ڪروڙ روپيا اڻ سڌيءَ طرح پيٽي کي اقتدار ۾ رکڻ لاءِ ورهايا ويا هئا. جيڪڏهن انهن قرضن جي ورهائڻ بابت جاچ

دلال ”جيئي پتو“ جا نعرا هڻي ابوجهہ ماڻهن کي برغلائي ساڳئي دور کي موٽائڻ گهرن ٿا. انهن جو پيو ڪوبہ علاج ڪونہ آهي، سواءِ ان جي تہ جهڙيءَ طرح پٽي سيٽي سندس مخالفن کي مارائي يا جيلن ۾ وجهي سزائون ٿي ڏنيون، تنهن وانگر اهڙي ذليل ماڻهوءَ کي ڪليون سزائون ڏيڻ نہ صرف ثواب جو ڪم ٿيندو، پر آئينديءَ هميشہ لاءِ اهڙن رذيل ماڻهن جو غريب عوام کي بيوقوف بنائڻ جو دروازو بند ٿي ويندو.

(١٣) پٽي صاحب، ڪوثر نيازيءَ کي وزير حج ۽ اوقاف بنائي سنڌ جي جملي درگاهن کي قومي تحويل ۾ وٺي، مرڪزي سرڪار جي قبضي ۾ آڻي، سنڌ جي جملي درگاهن جي ڪمائيءَ کي هڪ ڏڪ سان نقصان رسايو آهي. پر اهڙي ذليل ماڻهوءَ کي مولانا سڏي شهرت ڏياري ويئي، جنهن لاءِ اهو عام مشهور آهي تہ هيءُ مشهور معروف مفعول آهي، مولانا مودوديءَ جهڙي جيد عالم جو مخالف آهي، ٻاهرين حاڪمن کي رڌون سپلاءِ ڪندو هو. حاجين جي معلمن کان سال بسال رشوت وٺي ۽ سمگل ڪري سامان آڻي پنهنجو پيٽ ڀريندو هو.

(١٤) پٽي صاحب جو ٻيو مکيہ ڪارنامو اهو هو تہ هن حڪومت وٺڻ سان ١٣٠٠ هڪ پهري ۽ ٣٠٠ ٻئي دفعي آفيسر بنا نوٽيس ڏيڻ ۽ انڪواري ڪرڻ جي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيا. انهن جو مکيہ ڏوهہ اهو

هو ته هنن پي. پي جي دلالن جي حڪم جي پوريءَ طرح پوئواري نه ڪئي هئي. ٻئي جي دلالن جي چونڊ تي انتظام کي خراب ڪرڻ ۾ پاڻيوار نه ٿيا هئا. انهن سترهن سو آفيسرن مان ۸۰۰ سون کان به مٿي سنڌي هئا. ڇا اها سنڌ جي خدمت هئي؟

ٻئي طرف پنهنجي طرفدار زميندارن ۽ پ. پ جي دلالن جي سفارشن تي انهن جي عزيزن ۽ دوستن کي، جن مان اڪثر لائق نه هئا، نوڪري ۾ رکيو ويو. هاڻ جڏهن پبلڪ سروس ڪميشن طرفان جاچ ٿيڻ بعد انهن مان گهٽن جي نڪرڻ جو امڪان آهي ته مشهور ڪيو وڃي ٿو ته ملٽري حڪومت سنڌين سان ظلم ڪري رهي آهي.

(۱۵) هن به پيرا زرعي سڌارن جي بهاني زمين جي حد گهٽائي، ملڪ ۾ مشهور ڪرايو ته عوامي حڪومت زرعي سڌارا آڻي، زمينون غريب هارين کي ڏنيون آهن. ليڪن جڏهن ڇنڊڇاڻ ڪئي وڃي ته هن ائين ڪرڻ کان اڳ پنهنجي طرفدار زميندارن کي پڌائي، زمينون حصن ۾ ورهائي يا وڪرو ڪرائي انهن سڌارن کي فارس بنائي ڇڏيو هو. ان کان سواءِ هن زمين تي انڪم ٽيڪس لڳائڻ ڪري زميندار ڪلاس کي تباهيءَ جي دروازي تي آڻي بيهاريو هو.

اهي چند ڳالهيون، جيڪي "ڪاسي مان ڪئي" طور پيش ڪجن ٿيون، ته ن مان معلوم ٿيندو ته هيءُ

سنڌين جو دوست نہ ير دشمن آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ جيڪڏهن ملٽريءَ وارا چاهين تہ هن جي سنڌ مان جملي ٢٠ ڪن مکيہ حوارين ڪي ڏهہ ڏهہ سال سزائون ڏيئي، سياست ۾ حصي وٺڻ کان خارج ڪري ڇڏين ۽ سندن ملڪيتون ضبط ڪن تہ سنڌ جا ماڻهو ڪاوڙبا ڪونہ، بلڪ ملٽريءَ وارن جا شڪرگذار ٿيندا.

پڇاڙيءَ ۾ ملڪي عدالتن کي عرض آهي تہ هڙئي ڪميٽي ۽ ظالم جي مدد ۾ فيصلا نہ ڪن. مولانا شاه احمد نورانيءَ کي بنا ڏوهہ ڏنڊ جي، هڪڙي دوردراز ڳوٺ جي لاڪ-اپ ۾ بند ڪرڻ تي ڪورٽن کي رحم ڪونہ آيو، ليڪن هن رهزن ۽ سندس ساٿين کي ڪراچيءَ جي ريسٽ هائوسن مان ڪڏي سهالا نيڻ يا ضامن تي آزاد ڪرڻ سان سندن ساک برپا ٿيندي. عدل سڀني لاءِ مساوي هئڻ گهرجي، ۽ نہ پڻي ۽ ان جي حوارين لاءِ خاص رعايتون مهيا ڪرڻ واسطي عدل کي استعمال ۾ آندو وڃي.

---

# پتو ظالم ۽ آمر حاڪم هو

هن تي جيڪا چوٿين چارج (الزام) مڙهيل آهي ته هو ظالم ۽ ڊڪٽيٽر حاڪم هو، ان لاءِ اسان جا هيٺيان دليل آهن:

ان هڪ جملي ۾ ٽن لفظن جو استعمال ٿيل آهي: ظالم، آمر، حاڪم، اچو ته هرهڪ لفظ جي معنيٰ ڪريون.

ظالم ان کي چئبو آهي، جيڪو (۱) بي انصافيءَ وسيلي ٻين ماڻهن کي ايذاءُ پهچائي، (۲) پنهنجيءَ مرضيءَ موجب ٻين کي ناحق سزائون ڏئي، (۳) قاعدي قانون جي حرمت نه رکي، (۴) پنهنجي انتقام يا ڪاوڙ کي ٻين تي ڪم آڻڻ لاءِ قانونن ۾ ڦير گهير آڻي ٻين جا حق ڦري.

آمر ان کي چئبو آهي، جيڪو (۱) پنهنجي راءِ کي سڀ کان مٿاهين سمجهي ٻين تي ان کي مڙهي (۲) پاڻ کي قانونن کان مٿانهون سمجهي، انهن کي پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق هلائي (۳) جمهوريت کي رد ڪري اهڙا طريقا اختيار ڪري، جنهنڪري سڀ ڳالهه، جو اختيار ان فرد واحد جي هٿ ۾ هجي (۴) آهستي

سيل ڪيون ٿي ويون. انهن تي نوٽيس ڏياري قانوني ڪاروائي نہ ڪئي ويئي. جڏهن ۽ جنهن بہ وقت هن جي طبيعت کي ڪا ڳالهہ ناگوار گذري تہ هڪدم بندش جو قانون لاڳو ڪيو ٿي ويو.

هن پنهنجي حڪومت کي جمهوري سڏيو ٿي، ليڪن دنيا جي ڪنهن بہ جمهوري ملڪ ۾ وزيراعظم ۽ پارٽي چيرمن هڪ نہ رکيو ويندو آهي. انگلنڊ ۾ وزيراعظم ۽ پارٽيءَ جو چيرمن جدا هوندو آهي. آمريڪا، فرانس، روس، اٽلي ۽ هندوستان ۾ پارٽين جا پريزيڊنٽ جدا ۽ وزيراعظم جدا هوندا آهن. هتي ٻئي عهدا هڪ ماڻهوءَ جي هٿ ۾ هئا. پارٽيءَ ۾ مرڪز کان ويندي برانچن سوڌو سڀ عهديدار سڏيءَ يا اڻ سڏيءَ طرح مرڪز طرفان نامزد ڪيا ٿي ويا. جنهن جي معنيٰ اها ٿي تہ سڄي پارٽي هڪ فرد جي محور جي چوڌاري ڦري ٿي. اسيمبلين ۾ مرڪزي يا صوبائي چونڊن وقت اميدوار نامزد ڪرڻ لاءِ نالي خاطر پارليامينٽري بورڊ مقرر ڪيا ٿي ويا، پر آخري طور سڀ نالا چيرمن جي حڪم ۽ رضامنديءَ مطابق مقرر ڪيا ٿي ويا. صوبن يا مرڪز ۾ وزير سڀ چيرمن مقرر ڪيا ٿي. وڏن وزيرن نالي طور ڪم ڪيا ٿي. صوبائي اسيمبلين ڪوبہ قانون سواءِ چيرمن جي رضامندي جي پاس نہ ٿي ڪيو. بلڪ جي پاس ڪيو ٿي تہ هن انهن کي رد ڪرائي ٿي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح صوبائي خودمختياري وڃي فارس بڻجي آهي. صوبن ۾ ڪي اهڙيون

ڳالهيون سرزد ٿيون آهن، جن موجب مڪاني عملدارن، مٿان وزيراعظم جي سڌي حڪم تــي ڪم ڪيا ٿــي. جن جي صوبن جي وڏن وزيرن کــي خبر به نه هوندي هئي. جهڙوڪ سنڌ صوبي جي سابق وڏي وزير ممتازعلي ڀٽي جي ڀيٽويي عبدوالقدوس جي گهر جي تلاشي ۽ گرفتاري، وزيراعليٰ جي معلومات کــان سواءِ عمل ۾ آندي ويئي هئي. مرڪزي حڪومت جــي وزير غلام مصطفيٰ خان جتوئيءَ جــي گهر جــي تلاشي وٺــي بي عزتي ڪرائي ويئي. اهڙا سوين مثال ڏيئي سگهجن ٿا.

(د) ڀٽي جي مرضيءَ جي جن ماڻهن مخالفت ڪئي ٿي، تن مان ڪيترن کي قتل ڪرائي ڇڏيائين. جهڙوڪ احمد رضــا قصوريءَ جـــو والد، مولــوي شمس الدين، عبدالصمد خــان اڇڪزئي، پير پاڳاري جــو وڏو خليفو محمد امين فقير مگريو، سانگهڙ ۾ ڇهن حرن جو قتل، اسدالله مينگل (عطاءالله خان مينگل جو پٽ) اشوڪ ڪمار وغيره سوين ماڻهو قتل ڪرايا ويا. تازو مارچ ١٩٧٧ع جي اليڪشن ۾ هن صاحب ڌانڌليون ڪرايون، جن خلاف ملڪ جي ماڻهن احتجاج ڪيو. ان تحريڪ دوران هزارين ماڻهو مارايا ويا.

ان کان سواءِ پنهنجي ذاتي مخالفن، جهڙوڪ لاڙڪاڻي جي معززن کــي ووٽ نه ڏيڻ جــي سزا طور جيل ۾ وجهائــي، حيا سوز حرڪتون ڪرائــي، پيشاب پيارائي، منهن تـــي ڪرفتي مڪارائــي، ڏنڊ ڏيارائي، سزائــون

ساري ائڊمنسٽريشن هينئين پي- پي ڪارڪنن جي مشوري سان هلائي وڃي، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو ڌاڙي، چوريءَ ويندي خون سوڌا ڪيس، پوليس متي چاڙهايل صاحبن جي اجازت سان داخل ڪندي هئي. جيڪڏهن اهي اجازت نه ڏيندا هئا ته ماڻهن کي ڪيس داخل ڪرڻ کان جواب ڏنو ويندو هو. ان جو انتظاميه تي اهو اثر پيو ته اهي ايراضيون ذري گهٽ انهن پي- پي ڪارڪنن جون رياستون ٿي پيئون. اهڙيءَ طرح ڊيپو، راشن شاپون ۽ پرمٽون وغيره سڀ انهن جي معرفت ملڻ لڳيون، جي سامان بليڪ ۾ وڪڻي، لکن جا مالڪ ٿي پيا تي ۽ ڪي پي- پي ايجنٽ عملدارن جي مشوري سان رشوتن ۾ پائيواري ڪري مالدار ۽ اثر وارا بڻيا. هيٺيان ماڻهو، خاص ڏيکاريل ايراضين ۾ مالڪ هئا.

(١) ٽنڊو محمد خان سب ڊويزن، مير اعجاز علي خان ٽالپر جي هٿ هيٺ هئي.

(٢) ٺٽي سب ڊويزن جا سڀ ڪم محمد خان سومري جي چوڻ تي ٿيندا هئا.

(٣) هالا سب ڊويزن، مخدوم محمد زمان صاحب جي جاگير شمار ٿيڻ لڳي.

(٤) ٽنڊو الهيار تعلقي ۾ سيد پورل شاهه نصرپور واري جي چوڻ مطابق عملدار ڪم ڪرڻ لڳا هئا.

(٥) سيوهڻ سب ڊويزن ۾ ملڪ سڪندر خان ٿاٿي بولا خان واري جي چوڻ موجب انتظام هلندو هو.

(٦) لاڙڪاڻو ضلعو، ممتاز علي ڀٽي يا پنهل خان ايس. پي جي هٿ هيٺ هو.

(٧) نواب شاه ضلعو، غلام مصطفيٰ خان يا غلام مجتبيٰ خان جتوئيءَ جي جاگير طور تي ڪتب اچڻ لڳو.

(٨) سانگهڙ ضلعي ۾ ڄام صادق علي خان جي حڪومت سمجهي ويندي هئي.

(٩) ٿرپارڪر ضلعي ۽ ڪوٽڙي تعلقي، ٺٽي تعلقي سميت پير غلام رسول شاه جيلانيءَ ميرپور خاص واري جو حڪم هلندو هو.

(١٠) خيرپور ضلعي ۾ سيد قائم علي شاه ۽ پير عبدالقادر شاهه جيلاني جي چوڻ تي عملدار ڪم هلائيندا هئا.

(١١) سکر ضلعي ۽ ڪراچي شهر جو حصو پيرزادي عبدالحفيظ جي زير تسلط هلندو هو.

(١٢) حيدرآباد ضلعي ۽ شهر ۾ قمر زمان شاه حڪومت هلائيندو هو.

(١٣) شاهه بندر سب ڊويزن، اعجاز علي خواجي، محمد عيسيٰ خواجه ۽ محمد يوسف چانڊئي جي چوڻ موجب هلڻ لڳي هئي.

(١٤) جيڪب آباد ضلعي ۾ اتي جا ۽ يا ٽي ميمر، خاص ڪري در محمد خان اوستو مالڪ مختيار ٿي ڪم هلائيندا هئا.

(١٥) لياري ڪوارٽرز ڪراچي ۾ عبدالستار گبول

جو راڄ هو.

(١٦) دادوءَ سب ڊويزن ڪڇ وقت لاءِ عبدالحميد جتوئيءَ جي هٿ ۾ هئي، پوءِ پنهنجي سان اختلاف ٿيڻ بعد ان کي لسٽ تان لاٿو ويو.

اهڙي طرح انهن ماڻهن جو ايڏو اثر سنڌن ايريا ۾ پيدا ٿي پيو هو، جو ماڻهو ڪين سياه سفيد جو مالڪ سمجهڻ لڳا هئا ۽ ڪوبه ماڻهو هنن جي اثر کان ٻاهر نه رهيو. اهڙيءَ طرح اهي ۽ سندن ننڍا ڪارڪن لکن جي ملڪيتن جا مالڪ بڻجي پيا. ملڪ ۾ ايترو ظلم ۽ هراس ڇانئجي ويو جو اوطاقن وارن ۽ دڪاندارن کي حڪم مليو ته پنهنجي ۽ سندن ڪارڪنن جا فوٽا دڪانن تي لڳائين، ٻيءَ صورت ۾ رپورٽ ملڻ تي مٿن قدم کنيو ويندو.

ٿاٽي ٻولا خان ۾ خاص ڪري ڪيترائي ماڻهو گيم وارڊن جي نالي پڳدار ڪري رکيا ويا، جن مان ڪي ڪوڙن نالن وارا هئا، ڪي ملڪ صاحب جا نوڪر ٿي ڪم ڪندا هئا، يا سندن سرڪاري ايجنٽ هئا.

# پيٽي جو دور ڏوڪيبازيءَ تي ٻڌل هو

پيٽي صاحب ماڻهن کي ڏوڪي ڏيڻ لاءِ هيٺيان پنج حربا ايجاد ڪيا:
(١) هن جو دور عوامي حڪومت وارو هو؛
(٢) هن سوشلسٽ پروگرام تي عمل ڪري، ملڪ ۾ اقتصادي مساوات آڻي ڇڏي ٿي؛
(٣) هي خلافت راشده وانگر اسلامي حڪومت رائج ڪرڻ وارو هو؛
(٤) هن جي حڪومت جمهوري اصولن جي علمبردار هئي؛
(٥) هن پاڪستان جي اتحاد، يڪجهتيءَ ۽ سلامتي واري پاليسيءَ تي عمل ٿي ڪيو.
هاڻي اچو ته ڇتاڻي ڏسون ته هي واقعي هيءُ انهن نعرن موجب عمل ڪندو هو، يا صرف ماڻهن کي بيوقوف بنائي، اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ لاءِ اهي ڳالهيون ڪندو هو:

## هن جو دور ڪهڙيءَ ريت عوامي دور هو؟

عوامي حڪومت ان کي چئبو آهي، جنهن ۾ عام غريب ماڻهو تڪليف هيٺ نه اچن، چوريءَ، زوريءَ ۽

ظلم کان بچيل هجن، وڏا ماڻهو ، ڪامورا ۽ ڪنهن پارٽيءَ جا ايجنٽ مٿن حاوي ٿــي ڪين غلام نــہ رکندا هجن، رشوت ملڪ مان نڪري وڃي ، ٿمين جا اگـهہ گهٽجي وڃن، روزگار جا وسيلا ڪشادا ٿي وڃن، ڌاڙا ۽ ڦرون ختـم ٿي وڃن، ماڻهن کي ڪامــورن، وڏيرن، پيرن ۽ سرڪاري پارٽيءَ جيدلالن جي ظلم کان آزادي ملندل هجي. انصاف پيسي تي نہ وڪامندو هجي ، ڪوبہ غريب ڪنهن ڌاڌي جي چوڻ تــي سزاياب ٿئـي ۽ نہ جيلن جادروازا ڏسي، ڪوبہ چور، ڌاڙيلبليڪ مارڪيٽي، سمگلر ۽ بدمعاش ڪنهن ميمبر يا پي پــي جـي ايجنٽ جي چوڻ تي قانوني سزا کان بچي نہ سگهي!

اوهان سنڌ جا سڀ رهاڪو، جــي پاهراڙيءَ توڙي شهر ۾ رهو ٿا سي پنهنجي دل تي هٿ رکي، خدا کي حاضر ناظر ڄاڻي سچ چئو تـہ پپي جي دور ۾ هيٺيون ڳالهيون نہ ٿيون آهن؟ :

(۱) کــاڌي، ڪپڙي ۽ ٻــين ضروريات زندگيءَ جا اگهہ چوٽ چڙهي ويا هئا.

(۲) چوريون، رشوت خوري ، ڪوڙا ڪيس، بليڪ مارڪيٽي ۽ سمگلنگ حد کان وڌي ويون هيون.

(۳) پپي پـــي جــا ايجنٽ ۽ دلال ڊيپــو، پرمٽن، راشن جي دڪانن ۽ بليڪ مارڪيٽنگ جي ڪري لکن جا مالڪ بنجي ويا.

(۴) چور، ڌاڙيل ۽ رشوتي ڪامورا، پي، پيءَ جي

ايجنٽن کي راضي ڪري سرڪاري وٽ پڪڙ کان بچي
ٿي وياءِ

(۵) پي پي وڏيرن جي حڪم موجب نه هلندڙ
يا سندن ذاتي دشمنيءَ سبب ڪيترا ناحق ماڻهو جيلن
۾ ورهين جا ورهيه قيد رهيا هئا.

(۶) سياسي ۽ ذاتي مخالفن کي ڊي. پي. آر موجب
ڪيسن ۾ رجوع ڪيو ٿي ويو.

(۷) ڪيترا سياسي ۽ ذاتي مخالف ورهين تائين
شاهدن نه هلڻ يا ضامن ڪٽڻ کان سواءِ جيلن ۾ سڙي
رهيا هئا.

(۸) ماڻهن کي جيلن مان ڪڍي، ڪيسن هلائڻ کان
سواءِ قتل ڪرايو ويو يا مارائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

(۹) عام عدالتن ۾ رشوتون هليون ٿي. ماجسريٽن
يا ججن تي پي. پي ميمبرن، حاڪمن ۽ انتظامي ڪاتي
جو اثر ٿي هليو.

(۱۰ پي پي جا مٿي ڇاپل ميمبر مختلف طريقن
سان لکين روپين جا مالڪ بڻيا هئا.

(۱۱) بيروزگاريءَ ۽ مسڪينيءَ ۾ واڌارو اچي
ويو هو.

(۱۲) نوڪريون لياقت تي ملڻ بدران پي. پي
ڪارڪنن جي سفارش تي نااهل ماڻهن کي ملڻ لڳيون
هيون. ٻئي طرف سوين اعليٰ تعليم حاصل ڪيل ماڻهو
بيروزگار ٿي دربدر ڦري رهيا هئا. مطلب ته ملڪ ۾

بدانتظامي ڦرلٽ ۽ ڏاڍ عروج تي هو.

پوءِ ڪهڙيءَ طرح اهڙي ظالمائي دور ۾ ڪي عوامي حڪومت ڪوئي ماڻهن کي ڌوڪو ڏياريو ٿي وٺو ۽ اخبارن کي خريد ڪري يا نوٽيس ڏئي انهن ۾ ۽ ريڊيئي ۽ ٽيليويزن تي اهڙي پرچار ڪئي ٿي ويئي؟ عوامي ملڪ ۾ جيئي سنڌ جي يا پاڪستان زنده آباد جي نعري بدران جيئي ڀٽو جا نعرا ڪهڙيءَ طرح هنيا ٿي ويا؟ ”جيئي ڀٽو“ ۽ ”هيل هٽلر“ جي نعرن جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت هو؟ ان نام نهاد عوامي دور ۾ جيڪو ماڻهو جيئي سنڌ يا جيئي پاڪستان چوندو (۽ جيئي ڀٽو نه چوندو هو) ته ان کي سزا ڏني ويندي هئي. ڪن شاگردن ۽ رولو ڇوڪرن کي خاص انعام پرمٽون، پگهار ۽ پئسا ڏيئي ”جيئي ڀٽو“ جو ڏينڍرو ڏيارو ٿي وٺو.

---

# ٢- ڪهڙيءَ طرح سوشلسٽ پروگرام تي عمل ڪري، ملڪ ۾ مساوات آندي ٿي ويئي؟

اڄڪلهه دنيا ۾ سوشلزم يا مالي مساوات جو نعرو عام غريبن لاءِ دلڪش بنيل آهي. جهڙيءَ طرح مذهب وارا ماڻهن کي دلاسو ڏيندا آهن، ته جيڪڏهن اوهان چڱا ڪم ڪندا ۽ عبادتون ڪندا ته اوهان کي بهشت ملندو، اتي حورون ۽ محلاتون نصيب ٿينديون، ۽ غربت، ڏک ۽ بيماريءَ کان بچيل رهي وڏي حياتي گذاريندا. اهڙيءَ طرح سوشلزم جا پرچارڪ پڻ پرچار ڪن ٿا، ته سوشلزم هڪ اهڙو نظريو حيات آهي، جنهن تي عمل ڪرڻ سان عوام جملي مالي، جاني ۽ بدني آزارن کان آزاد ٿي، بلند معيار زندگيءَ تي پهچي، بيروزگاريءَ ۽ بيماري مان نڪري، سٺن گهرن، سٺي کاڌي پيتي، علم، صحت ۽ آرام عيش جي سهولتن موجب زندگي گذارڻ لڳندا. ان لاءِ روس ۽ چين جا مثال پيش ڪري ماڻهن کي متاثر ڪيو ويندو آهي. هٽلر جرمنيءَ ۾ ماڻهن کي ”نيشنل سوشلزم“ جي نالي ۾ اهڙا دلاسا ڏئي، جرمن قوم کي جنهن مشڪلات ۽ مصيبت ۾ آندو هو اهو تاريخ جو

سچ آهي. پٽي صاحب، اهڙي قسم جا ڪتاب پڙهي، ماڻهن کي بيوقوف بڻائڻ لاءِ هڪ طرف چند سوشلسٽ خيال ڪارڪنن کي نوڪرين ۽ پيسن تي خريد ڪيو، جهڙوڪ: فيض احمد فيض، رسول بخش پليجو ۽ غلام محمد لغاري وغيره. ته ٻئي طرف ماڻهن کي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ لاءِ ريڊيئي، ٽيليويزن، اخبارن ۽ ٻئي قسم جي پرچار سان اهو ظاهر ڪرڻ شروع ڪيو ته سنڌس حڪومت سوشلسٽ پروگرام موجب هلي رهي آهي. ان لاءِ هن هيٺيان ڪم ڪيا.

١ - ڪن فيڪٽرين کي سرڪاري تحويل ۾ وٺي مزدورن کي ٿورا حق ڏئي ظاهر ڪيو ويو ته سوشلزم جي شروعات ٿي چڪي آهي. ملڪ ۾ بيسڪ فيڪٽريون ته اڳيئي گهٽي تعداد ۾ ڪونه هيون، ان ڪري پرائيويٽ سيڪٽر ۾ چند فيڪٽرين سان اهو قانون رائج ٿيو. نتيجو اهو نڪتو جو اڪثر فيڪٽرين ۾ آفيسري خرد برد سبب پيداوار گهٽجڻ ۽ نقصان ٿيڻ لڳو، ان ڪري انهن مان ڪيتريون موٽائي مالڪن کي ڏنيون ويئون.

٢ - زمين گهٽائڻ جي نالي ۾ ڪي زرعي سڌارا آندا ويا. جنرل ايوب خان جي ڏينهن ۾ ٥٠٠ ايڪڙن جي حد تائين زمين رکڻ جي اجازت هئي، هن ان کي گهٽائي اڍائي سو ايڪڙن تائين آندو. پر جيڪا حرڪت ڪئي ويئي، ان کان عام ماڻهن، خاص ڪري شهري تعليم يافته طبقي کي بي خبر رکيو ويو. هن وٽ ڏاڍين

هزار يا ١٥ سو هارين کي مليءِ. جنهن لاءِ انهن ٤٠ يا ٥٠ هزار کن درخواست ڪندڙن- تپيدارن، لڪائڻ وارن، مختيارڪارن ۽ هفتن جا هفتا تعلقي هيڊڪوارٽرن ۾ ڊوڙڪين دوران رلي ڪاڏي ۽ ڀاڙي وغيره تي جيترو خرچ ڪيو، ۽ غريب عوام کي ڪهڙيءَ طرح ذراس تي موٽڻو پيو، اها خبر ڀهراڙيءَ جي هرهڪ رهاڪوءَ کي آهي. پرجيڪڏهن جلچ ڪرڻي هجي ته جملي درخواست ڪندڙن جا انگ اکر ڪيائي، سراسري ٥ ڏينهن تائين رلڻ ۽ خرچ ڪرڻ جو تخمينو اڳايو وڃي، ته معلوم ٿي ويندو ته هرهڪ درخواست ڪندڙ جيڪڏهن ٥٠ رپيا خرچ ڪيو هجي ته ٣٠ هزارن مان ٣٨ هزار نا اميد ٿي موٽندڙ غريب هارين کي ١٨ يا ١٩ لک روپين جو هر هڪ تعلقي ۾ نقصان پيو. زمين، جيڪا زميندارن ڇڏي هئي، اها اکثري خارج هئي. جن هارين کي زمين ملي، انهن مان تمام ٿورن کان سواءِ ٻين کي فائدي بدران نقصان پيو.

٣- سڌاري هنن اهو ڪيو ته خانگي اسڪولن جو سرشتو ڪاٽي، جملي اسڪول سرڪار جي قبضي ۾ آڻي ڇڏيا. ان ڪري تعليم ۾ چٽا پيٽي ڪانه رهي ۽ تعليم جو معيار تمام ڪري پيو. تعليميافته ماڻهن مشنري اسڪولن طرف گهڻو توجهه ڪيو جن کي قومي تحويل ۾ نه آندو ويو هو- هاڻ حالت اها آهي ته هن ملڪ جا

ملا ويچارا دانهون ڪندا رهيا ته جنهن مقصد لاءِ هيءُ
ملڪ ڏار ڪيو ويو هو؛ ان طرف به ڌيان ڏيو. ان تي
چند ملان کي اسيمبلين ۾ چونڊائڻ ۽ ڪي شريعتي بورڊ
مقرر ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه ڪيو ويو. ملڪ
جي ماڻهن کي اسلامي نالي جو نشوتہ پياريو ويو. پر ان
کي عملي طرح وجود ۾ اچڻ کي ٢٥ سال گذري ويا
ته ڪجهه نه ٿيو. ان بعد هن نئين ناٽڪيءَ پٽي صاحب
کي حڪومت هٿ ۾ آئي. ان به انهيءَ طرزعمل موجب
اسلامي شعبه حڪومت قائم ڪري، اسلامي حڪومت،
نظام مصطفيٰ وغيره جي ڏلچسپ نالن سان ماڻهن کي
بيوقوف بنائڻ شروع ڪيو. پر ان جي چارج مفتي محمود
۽ مولانا مودودي وغيره جي عيوض مولوي ڪوثرنيازيءَ
کي ڏني ويئي. هيءُ صاحب ابن الوقت، بي اصولو، مفعول،
رشوتي، شرابي هو ۽ ٻاهرين حاڪمن کي رنون سپلاءِ
ڪرڻ سان پنهنجي ڊيوٽي ادا ڪرڻ لڳو. آخر غور ڪري
ڏسو ته جنهن حڪومت جو هيڊ پٽي جهڙو بي دين ماڻهو
هجي، جنهنجي نه صورت، نه سيرت، نه عمل ۽ نه طرز
زندگي اسلامي سادگيءَ ۽ سچائي سان ملبوس هجي، ان
جي هٿان ڪهڙيءَ طرح اسلامي حڪومت قائم ٿي سگهي
ٿي؟ انهن کي اسلام جي ڪابہ خبر نه هئي. شيطان کي
مسجد جي چارج ۾ رکجي. يا ٻليءَ کي جهرڪين جي
سنڀال لاءِ رکجي ته معلوم ٿي ويندو ته ان جو نتيجو

کھڙو نڪرندو! اهو اسلامي حڪومت جو ڊوڪو گذريل اليڪشن کان پوءِ ظاهر ٿي پيو ۽ ماڻهن مولوين جو طرف ورتي، عوامي حڪومت کي ڏاهي وڌو. وڏي مصيبت اها ٿي، جو اسان جهڙي سنڌ وارا- جيڪي سيڪيولر حڪومت جا حامي رهيا آهيون- سي به ان ڊوڪيبازيءَ کان بچڻ لاءِ مولوين جي مدد ڪري رهيا آهيون. قرآن ۾ ڪافر کان منافق جو درجو بدتر آهي. اسان سمجهون ٿا ته اڳتي هلي تجربو سيکاريندو ته موجوده زماني ۾ شريعتي راڄ قائم ڪرڻ غلط ۽ خلاف عقل آهي، ليڪن ان لاءِ سولو علاج اهو ٿا سمجهون ته ڊوڪيبازيءَ واري اسلامي نعري کان بهتر آهي ته ملن کي موقعو ڏجي ته ان اڻ حاصل تيل سڌ کي آزمائي ڏسن. پوءِ زمانو پاڻهي حالتن کي سڌي رستي تي آڻي ڇڏيندو. يعني هتي اسلام جي نالي ۾ ڊوڪيبازي ٿي ڪئي، پر مولوي سچيءَ دل سان ان جي حصول لاءِ ڪوشش ڪندا- پر تجربو کين سيکاريندو ته ۱۳ سو ورهيه اڳ جي رائج شريعت هن دور ۾ عمل ۾ اچڻ مشڪل آهي.

---

# هن جي حڪومت جمهوري اصولن
## جي علمبردار ڪهڙيءَ ريت هئي؟

اڄڪلهه دنيا ۾ سڀ کــــان وڌيڪ مقبول سرشتو حڪومت؛ جمهوري سرشتو حڪومت آهي ان ڪري هر ڪو جمهوريت جو نالو وٺي ماڻهن کي ۽ دنيا کي بيوقوف بڻائڻ گهري ٿو. روس ۽ چين ۾، جتي هڪ پارٽي حڪومتون (One Party Governments) آهن، انهي به عوامي جمهوريه جو نالو وٺي ماڻهن کي رضا مند ڪيو وڃي ٿو. آفريڪا عرب ملڪن ۽ ڏکڻ آمريڪا جي گهڻي حصي ۾ آمرانه حڪومتون هلي رهيون آهن، پــــر هر ملڪ ڪنهن نه ڪنهن طرح سان جمهوريت جــي نالي کــي استعمال ڪري رهيو آهي: پاڪستــان ۾ مختلف دورن دوران آمرانه حڪومت قائم رهي، ليڪن ڊانچو جمهوري هو. عملي طرح حڪومت هڪ پارتــيءَ يا چند مــاڻهن جي هٿ ۾ رهي ٿي.

جنهن صورت ۾ جمهوريت نه پئي هلي، ان ڪري ملڪ جي حالت سڌرڻ جي بدران بگڙڻ لڳــي. عوام جي چونڊيل نا اهل ۽ خود مطلب نمائندن ۽ لائق آمر

۽ رشوتي ڪاموري ڪلاس جي وچ ۾ تصادم ٿيندو آيو. ٻيٺ جنرل ايوب جي دور ۾ جمهوري طرز حڪومت کي ختم ڪري حڪومت سڌو سنواٿو ملٽري ۽ سول سروس جي هٿ ۾ آندي وئي. انهن ١٢ سالن تائين تجربو ڪيو، پر حالتون سڌرڻ جي بدران بگڙڻ لڳيون. ملٽري ۽ سول سروس وارا ڪيترا به لائق هجن، پر عوامي مشوري ۽ مدد کان سواءِ حڪومت هلائڻ ۾ غلطين ٿيڻ جو امڪان هو. نتيجو اهو نڪتو ته به دفعا ڀارت سان جنگيون ٿيون ۽ اڌ ملڪ (بنگال) پاڪستان کان ٽٽي ويو. ليڪن انهن آمرن کي به بنيادي جمهوريت ۽ اسمبلي جو ڍونگ ملڪ ۾ جاري رکڻو پيو.

آخر ۾ انهيءَ ملٽري ۽ مارشل لا دور جو پرورده ڀٽو صاحب مغربي پاڪستان ۾ حڪومت جو مالڪ بڻيو. هيءُ جيتوڻيڪ چونڊ جي آيل هو، مغربي پاڪستان اسيمبليءَ ۾ اڪثريت هيس، پر طور طريقا آمرانه استعمال ڪيائين. سندس حڪومت جي آمرانه طرز جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

(١) گڏيل پاڪستان ۾ جڏهن عوامي ليگ کي مڪمل اڪثريت حاصل ٿي، ته ان کي مڃڻ کان انڪار ڪري، ملٽريءَ جنتا کي مشرقي پاڪستان جي اڪثريت واري پارٽيءَ سان جنگ ڪرائي، ملڪ کي جدا ڪرائي، مغربي پاڪستان ۾ ملٽريءَ هٿان ملڪ

جي واڳ ورتائين.

(٢) جمهوري حڪومت نالي ۾ قائم ڪيائين، پر ڪجهه عرصي لاءِ مارشل‌لا هيٺ حڪومت هلايائين ۽ سارو وقت هنگامي حالتون قائم رکندو آيو. مخالفن مان ڪجهه وقت نيشنل عوامي پارٽيءَ وارن کي بلوچستان ۽ سرحد صوبن ۾ صوبائي حڪومتون قائم ڪرڻ ڏنائين، پر بروقت مرڪز ۾ خان عبدالقيوم‌خان ۽ غوث بخش رئيساڻيءَ کي وزير رکي انهن جي معرفت آهستي ڪري ٻنهي صوبن ۾ بغاوت جو ٻج پوکيائين. ڪجهه وقت کان پوءِ بهانو بڻائي؛ چام غلام‌قادر کان بغاوت ڪرائي ملٽري موڪلي، جمهوري طور عطاء الله مينگل جي چونڊيل حڪومت کي ڀسمس ڪري اتي نئون گورنر ۽ وزارت‌ثاقي ڪم‌هلائڻ‌لڳو. جنهن ۾ حالتن مطابق وقت به وقت ردوبدل ڪندو آيو. سرحد جي حڪومت خلاف بغاوت ڪرائي، آهستي انهن جي طاقت گهٽائڻ لڳو. لاچار ٿي هنن وزارت تان استعا ڏئي ڇڏي. پوءِ صرف مرڪزي ۾ اسيمبليءَ مخالفت وچي رهايائين. ڏوڪا دلاسا ڏئي، آئين پاس ڪرايائين. جو آمرانه طريقي جو هو، ان کان پوءِ مخالفت کي زور وٺندي ڏسي، نيشنل عوامي پارٽي کي بي قانوني ٺهرائي، ان جي ميمبرن کي جيلن ۾ وجهي، بغاوت هيٺ مٿن ڪيس هلائڻ لڳو، جو اڃا تائين هلي رهيو آهي.

سنڌ ۾ جي- ايم سيد کي نظربند ڪري، جيئي سنڌ وارن شاگردن ۽ ڪارڪنن کي مختلف ڪيسن ۾ اڙائي جيل ۾ وڌائين، جيڪڏهن ڪورٽن مان هڪ ڪيس مان ضمانت منظور ٿي ٿي، ته وري ٻيو ڪيس داخل ڪري جيل جي دروازي تان مخالفن کي وري جيل ۾ موڪليو ٿي ويو. ڪن مخالفن کي خون ڪرايائين، ڪن جون ملڪيتون ضبط ڪيائين، اهڙيءَ طرح حالتون اهڙيءَ ڪڙيءَ تي وڃي بيٺيون- جو ساءِ ملڪ ڪارن قانونن هيٺ ڪنبي رهيو هو. ساري پاڪستان ۾ پيپلز پارٽي قائم ڪري- هن جڏهن ڏٺو ته حالتون نين چونڊن لاءِ درست هيون ته چونڊن جو اعلان ڪيائين. ليڪن چونڊن جي اعلان ٿيڻ بعد ڪيس پتو پيو ته سندس خلاف باوجود زور ظلم جي مخالفت وڌي ويل هئي. ان ڪري اليڪشن ۾ کٽڻ ڏکيو ڏسي، هن هيٺين طرح جون ڏانڌليون ڪري اليڪشن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي:

١- اميدوارن کي رٽرننگ آفيسرن تائين پهچڻ کان روڪڻ لاءِ پوليس ۽ پي-پي غنڊن کي استعمال ڪيو ويو. مخالفن جي پيپرن رد ڪرائڻ ۽ ٻين ڪيترن طريقن سان پنهنجا اميدوار بنا مقابلي ڪامياب ڪرايائين.

ٻهراڙين ۾ جتي مخالف اميدوار بيٺا هئا، اتي ڪوڙا ووٽ ڏياري، زور زبردستيءَ سان ڪامورن ذريعي بيلٽ پيپرس پي-پي اميدوارن جي قائدي ۾ وجهرائي، ڪين

ڪامياب ڪرايو ويو. ان تي مخالف ڌر وارن احتجاج طور صوبائي چونڊن جو بائيڪاٽ ڪيو. باوجود ان جي هيءُ بوگس چونڊ رستي ميمبر چونڊائي، انهن جي مدد سان حڪومت هلائڻ لڳو.

٣- انهن حالتن کان تنگ ٿي مخالف ڌروارن بغاوت ڪئي، جنهن کي هن زور زبردستيءَ سان، دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر حالتون ايتريقدر بگڙي ويئون، جو سول وار ٿيڻ جو امڪان هو. ان ڪري مجبور ٿي ملٽريءَ کي دست‌اندازي ڪرڻي پيئي. لاچار پنهي ڌرين کي نظر بند ڪري آخر ڪين نين چونڊن لاءِ مجبور ڪيو ويو. جي جلد ئي ٿيڻ واريون آهن. (هاڻي چونڊون اڻ چاڻايل مدي تائين مڪمل ڪيون ويون آهن) هنين ناسازگار حالتن کي ڏسي ملٽريءَ کي مناسب‌قدم کڻڻا پيا.

١- يحيٰي پنهنجي دور حڪومت قائم ڪرڻ لاءِ ڪيترا ماڻهو قتل ڪرايا ۽ سوين جيلن ۾ بند ڪيا هئا مخالف ڌر وارن جي بغاوت دوران هزار کان مٿي ماڻهو قتل ڪيا ويا هئا ۽ ٢٠ هزارن کان مٿي ماڻهو جيلن ۾ موڪليا ويا هئا.

٢- ملٽريءَ وارن جا ڪجهه عزيز خدويش پڻ انهيءَ قتل عام جي نذر ٿيا هئا ان ڪري انهن ملٽريءَ وارن پنهنجن عملدارن کي چتاءُ ڏنو ته يحيٰي کي هڪدم ڪڍيو وڃي ٻي صورت ۾ ملٽريءَ جون ڪي ڌريون قانون پنهنجي هٿ ۾ کڻڻ لاءِ تيار ٿي ويندي‌ون. ان ڪانسواءِ

ڪي پٺاڻ، حر ۽ ٻيا ماڻهو ڪلي بغاوت ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا هئا. ان ڪري ملٽري عملدارن ڀٽي کي نوٽيس ڏنو ته ٣٠ جون تائين مخالف پارٽين سان سمجهوتو ڪري گهرجي نه ته حالتن ضابطي کان ٻاهر ٿي وينديون. پر هي ٿرڪائيندو رهيو ۽ آخر ۾ فيصلو ڪيائين ته ڪن ملٽري عملدارن کي ڊسمس ڪري يا جيلن ۾ موڪلي نوان آفيسر مقرر ڪري وزارتون قائم رکيو اچي. ان ڪي ڪن دانشمند ملٽري عملدارن ۽ ڪن ٻاهرين طاقتن خطرناڪ سمجهيو ۽ نتيجي طور ڀٽي کي قيد ڪري مجبور ڪري نئين اليڪشن لاءِ پروگرام رٿيو ويو.

٣- حالتون اڃا تائين ناسازگار آهن. ڀٽي جي دور حڪومت ۾ سوين پي-پي ميمبرن ۽ ڪارڪنن ڪروڙين روپيا ڪمايا هئا ۽ پنهنجا هٿ ٺوڪيا عملدار پنهنجي حدن ۾ مقرر ڪيا هئا. غنڊن ڪارڪنن جا ٽولا تيار ڪرايا ويا هئا، هن وقت باوجود ملٽري رول جي چونڊن وقت انصاف ٿيڻ جو گهٽ امڪان آهي. هڪ ته پي-پي اميدوارن وٽ اڪيچار پيسو هئڻ، اخبارن ۽ غنڊن جي مدد ۽ هيٺ کان مٿي تائين سڀ آفيسر سندن هٿ ڪري عام ووٽر نهايت هيسايل آهن. سنڌ ۾ خاص ڪري مهاجرن ۽ پنجابين خلاف غلط بنياد تي پروپيگنڊا ڪري علائقائي تعصب ڦهلائي عوام کي برغلايو وڃي ٿو.

٤- پئسا ڏئي ۽ غنڊن رستي "جيئي ڀٽو" جو نعرو

عام ڪرايو وڃي ته. اهو نعرو اهڙو آهي، جهڙو ”هيل هٽلر“ جو نعرو هو. ملڪ يا قوم جي هنن کي ڪابه پرواهه نه آهي. پنهنجي ۽ سندس چاڙتن کي انتظار اهو آهي، ته کهڙيءَ به طرح پيهر حڪومت جي واڳ وٺن- جيڪڏهن انهن ماڻهن کي جن غلط طريقن سان پيسا گڏ ڪيا آهن يا عوام کي غنڊن ۽ آفيسرن وسيلي مرعوب ڪري ڇڏيو آهي، اليڪشن ۾ لڙڻ کان خارج نه ڪيو ويو آهي ته هو سنڌ اندر ڪامياب ٿي ويندا. جنرل ايوب جي دور ۾ ۽ ان کان اڳ به هنن ائين ڪيو هو. پين ملڪن ۾ ته اهڙي قسم جي ظالم، استحصالي ۽ خوفناڪ قسم جي ماڻهن کي قتل ڪرائي ماحول صاف ڪري پوءِ اليڪشنون ڪرايون ويئون آهن.

پنهو ۽ متي چاڙايل سندس حواري تاريخ جي ڪسوٽيءَ تي جمهوريت دشمن، اسلام دشمن، پاڪستان دشمن ۽ سنڌ دشمن ثابت ٿي چڪا آهن. انهيءَ ڪري ملٽريءَ وارن- جن ملڪ جي سياست صاف ڪرڻ جو ذمو کنيو آهي- جو فرض آهي ته هنن ناجائز پيسن ۽ طاقت هٿ ڪندڙن ماڻهن کي جيلن ۾ وجهي، سياست کان خارج ڪري ڇونڊون ڪرائين پر جيڪڏهن هنن ٿوري به ڪمزوري يا شرافت ڏيکاري، ته وري حالتن خراب ٿيڻ جو امڪان آهي. جڏهن بيگم نسيم وليخان کي نظر بند رکڻ کان ملٽريءَ وارا نه هٻڪيا هئا نه پوءِ بيگم

نصرت ڀٽو- جا ٻڪواس ڪندي ۽ ملڪي ماڻهن ڪي بغاوت لاءِ آماده ڪندي وتي- تي رحم ڪرڻ يا ڪيس ٻاهر ڇڏڻ ڪيتربقدر درست ٿيندو. اسان جنرل ضياءُالحق ۽ ان جي مددگارن ڪي عرض ڪنداسون ته يڪدم مٿي ذڪر ڪيل ماڻهن ڪي بيگم ڀٽي سميت جيلن ۾ موڪلي سندن ملڪيتون ضبط ڪري ڪين سياست ۾ حصي وٺڻ کان روڪيو وڃي نه ته سنڌ ۾ خاص طرح هو بغاوت ڪرائي حالتون ناسازگار بنائيندا ۽ ماڻهن ڪي برغلائي پيسن غنڊن ۽ ڪن مڪاني آفيسرن جي سدن نمڪ پرورده آهن جي زور تي وري چونڊجي ايندا ان حالت ۾ پوءِ ٻه رستا وڃي بچندا موجوده ايماندار ملٽري ۽ سول عملدارن ڪي ڪيڏي وري دهشت گرديءَ جو راڄ قائم ڪن ۽ ڀٽي ڪي آزاد ڪري خون خرابي ڪرائين يا مخالف پارٽين ڪي پنهنجي بچاءَ لاءِ قدم کڻڻ لاءِ مجبور ڪن. جنهنجو نتيجو ملڪ ۾ سول وار جي صورت ۾ نڪرندو. ان لاءِ سموري جوابداري موجوده ملٽري حڪومت تي پوندي. جيڪي ڪمزوريءَ يا شرافت ڪري اهڙين حالتن پيدا ڪرڻ لاءِ ڪمزوري ڏيکاري رهيا آهن.

ڀٽو ۽ ان جا مکيه حواري خوني، ظالم، آمر ۽ عوام دشمن هئڻ ڪري واجب القتل يا جيل ۾ نظر بندين جا لائق ثابت ٿي چڪا آهن. انهن تي رحم ڪرڻ يا

کين بچائڻ، ناانگ تي رحم ڪرڻ جھي برابر آهي، ۽ ائين ڪرڻ سان ملڪ ۾ شريف ماڻهن کي آئيندي نقصان پهچائڻ جو انديشو آهي.

جنرل ضياءُالحق اڳيئي چئي چڪو آهي ته چوٿون دفعو جيڪڏهن مارشل لا لڳو ته ملڪ ٽڪرا ٽي ويندو پيٽي پارٽي تي ذروبه رحم ڪرڻ سان چوٿين دفعي مارشل لا لاڳو ٿيڻ جا امڪان پيدا ٿيندا. انهيءَ جي جوابداري موجوده حاڪمن جي ڪمزوريءَ تي رهندي. قرآن پاڪ ۾ حڪم آهي ته ”اشداءُعلي الڪفار رحماء بينهم“ يعني ظالمن تي سختي ڪرڻ لازمي آهي ۽ پنهنجن (شريفن) تي رحم ڪرڻ گهرجي. پيٽي ۽ ان جي پارٽيءَ جا اڪثر ڪارڪن اسلام، پاڪستان، سنڌ ۽ جمهوريت جا دشمن آهن، انهن سان سختيءَ سان پيش اچڻ ثواب جو ڪم آهي.

ملٽري عملدارن جا ڪيترا قدم ان آيت جي خلاف آهن- مثلا: دادو ضلعي جي سپاف جي هڪ صدر سيد حاجن شاهه، جو هڪ وقت ڊاڪو رهي چڪو آهي، تنهن تازو زوريءَ سيوهڻ ۾ دادوءَ جي ڪاليجن جي امتحان هلندي شاگردن کي چيو ته پيٽي جي گرفتاريءَ خلاف احتجاج طور امتحان نه ڏيو ۽ بائڪاٽ ڪيو شاگردن ڪيس نه مڃيو ان تي هن زوريءَ گونڊاگردي ڪري هنن جا پير ڦاڙي ڇڏيا. ڪاليج جي پرنسپال پوليس کي چاڻ ڪيو. جن بروقت اچي هن کي گرفتار

ڪيو. جن ڪان هو پاڻ ڇڏائي پڇي ويو، نيٺ ملٽريءَ وارن هن ڪي گهرائي نظر بند ڪري، اهڙي ڏوهه هوندي بہ ڏيڍهن ڪيس ڇڏي ڏنو. هاڻي هو ماڻهن سان وڙهندو پڻي لاءِ ڪم ڪندو وتي ٿو ۽ ڪن ماڻهن ڪي خون جا ڏڙڪا ڏنا اٿس. اهڙين حالتن ۾ اوهان سمجهي سگهو ٿا تہ عام ماڻهن تي ڪهڙو اثر پوندو ۽ ان مان ڇا ٿيڻ جو امڪان آهي. اهڙا ساڳيا واقعا سنڌ جي ٻين هنڌن تي پڻ واقعا ٿيا آهن. هاڻ وري معلوم ٿيو آهي تہ ڪيس وري گرفتار ڪيو اٿن.

ٻئي طرف ملڪ سڪندر جيڪو ممتازپڻي جو منظور نظر آهي. آرڊر ڪيو آهي تہ ٿاڻو بولاخان هن جي رياست آهي ان ۾ مخالف ڌر وارو ورڪ ڪرڻ اچي تہ ان ڪي بيعزتو ڪري مارون ڏنيون وڃن. جيڪو ماڻهو مخالف ڌر جي مدد ڪندو ان ڪي نقصان پهچايو ويندو. هن صاحب سرڪاري اسڪيمن مان لکين روپيا ڪمايا ۽ هن وقت بہ واپارين ڪان اليڪشن لاءِ چندا وصول ڪندو وتي ٿو اهڙا ماڻهو سڄيءَ سنڌ ۾ ڪيترائي آهن.

# ڀٽي صاحب پاڪستان جي

## ڀڪجهتيءَ ۽ سلامتيءَ لاءِ ڪيئن عمل ڪيو؟

اچو ته چٽائي ڏسون ته ھيءَ ان ڳالهه ۾ ڪيتري قدر سچو رهيو آهي. منهنجي نظر ۾ پاڪستان جي يڪجهتيءَ سالميت ۽ تحفظ جو حامي ته نه هو، بلڪ دشمن هو ان لاءِ هينيان مثال پيش ڪجن ٿا.

هن جنرل ايوب کي هندستان سان جنگ ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو ڇاڪاڻ ته ايوبي آمريت مان ماڻهو تنگ اچي ويا هئا. انهن جي مخالفت کان بچڻ لاءِ هن کيس ذهن نشين ڪيو ته ماڻهن جو توجهه هٽائڻ لاءِ ڪشمير جي سوال تي جيڪڏهن هندستان سان جنگ ڪندو ته ماڻهن جو توجهه حقيقي مسئلن کان هٽي ويندو. اها ملڪ جي تحفظ جي ڳالهه نه هئي بلڪ هڪ شخص واحد جي آمريت کي بچائڻ لاءِ ملڪ کي نقصانڪار جنگ ۾ گهلڻ ڪي ڪيتري قدر ملڪ جي تحفظ جي نالي سان سڏي سگهجي ٿو. سو هرڪو عقل وارو سمجهي سگهي ٿو جڏهين جنگ ۾ ڪيترا ماڻهو مئا ۽ ڪروڙن جو

نقصان ٿيو، تڏهن ٻاهرين حڪومتن جي صلاح تي صلح لاءِ ڪئبينٽ ڪان ٺهراءُ پاس ڪرائي، وزير خارجه جي حيثيت ۾ ڪيس اقوام متحده ڏي موڪليو ويو. تڏهن عام ماڻهن کي بيوقوف بڻائڻ لاءِ انگلينڊ ۾ چيائين ”ڪشمير لاءِ هزارن ورهين تائين جنگ ڪنداسون.“ پر پوءِ تاشقند ۾ وچي صلحنامي تي صحيح ڪيائين ان بعد عام تاثر اهو ڏنائين ته هو ان ڳالهه جي خلاف هو. جا ڳالهه سراسري ڪوڙي هئي نيٺ صحيح خبرن ٻوڻ ۾ آمريڪا ۽ روس جي حڪومتن جي مشوري تي پنهنجي پاليسن کي ملڪ لاءِ نقصانڪار سمجهي جنرل ايوب خان هن کي وزارت مان ڪڍي ڇڏيو. ان تي هن ماڻهن کي جنگ وقت پهتل نقصان ۽ ايوب خان جي غلط پاليسن مان ملڪ کي پهتل تڪليفن مان غلط فائدو وٺي ايوب خان (جنهن کي هڪ وقت بابو سڏيندو هو) کي ڪيڏڻ ۾ حصو ورتو. ان ڪان پوءِ هن جنرل يحيٰي جي هٿ هيٺ وزارت قبول ڪئي. هن روس جي تازي مهرباني يعني صلح جي باوجود چين ۽ آمريڪا کي روس خلاف گڏ ٿيڻ ۾ دلالي ڪئي هئي. جنهن تي ناراض ٿي، روسي حڪومت ڀارت جي همت افزائي ڪري مدد ڏني، بنگلاديش جي معاملي ۾ مخالفت ڪرڻ لاءِ رستو هموار ڪيو ۽ آخر ملڪ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو. ان ۾ هن جيڪو پارٽ ادا ڪيو اهو ظاهر آهي پنهنجي آمرانه حڪومت

ڪي طاقت ۾ رکڻ لاءِ سرحد ۽ بلوچستان صوبن جي جائز وزارتن کي ملڪ دشمن ٺهرائي حڪومت مان ٻاهر ڪيڻ ڪيتريقدر پاڪستان جي فائدي وٽان هو؟ مارچ ١٩٧٧ع واري اليڪشن کان پوءِ هزارين ماڻهو قتل ڪرايائين ۽ جيلن ۾ وڌائين. ان مان ملڪ کي ڪهڙي تقويت پهتي هئي؟

جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي ڪارڪنن شاگردن جي هن جي سيني چالن کان باخبر هئا. هن جي پارٽيءَ جي مخالفت ڪئي، ته انهن لاءِ اهل پنجاب ۽ مهاجرن کي ذهن نشين ڪرايائين ته اهي جيئي سنڌ وارا ملڪ دشمن هئا. آخر سرحدي پٺاڻ، بلوچ ۽ سنڌي سڀ ملڪ دشمن ٿيا، باقي پنجاب رهيل هئا. جڏهن انهن کي سنڌس چالن جي خبر پئي ته سنڌ ۽ پنجاب ۾ انهن کي جيلن ۾ وجهائڻ ۽ مارائڻ شروع ڪيائين. حيدرآباد ۾ مهاجرن جي قتل ڪرائڻ لاءِ هن ماڻهو ڪٺا ڪرايا هئا، جنهن جو بوجهو جيئي سنڌ وارن تي وجهڻ ٿي گهريائين. پر ج. س. ا. ف وارن سنڌس ان چال کي پڌرو ڪري رکيو ته اهي سنڌس طرفدار نه هئا ۽ نه اتحاد خلاف اٿڻ جو ارادو رکيائون ٿي. بلڪ هو پڻ حڪومت جي مستعفي ٿيڻ، ڪارن قانونن رد ڪرڻ، سياسي قيدين جي آزادي ۽ نئين سر چونڊن ڪرڻ وارن مطالبن ۾ قومي اتحاد جا حامي هئا. انڪري، هن جي

ساري چال خاڪ ۾ ملي ويئي. هن جي هميشه پاليسي چئي صوبن جي ماڻهن کي پاڻ ۾ لڙائڻ جي پئي رهي هئي. اهل پنجاب کي چوندو هو تہ جيئي سنڌ وارا، پٺاڻ ۽ بلوچ، اوهان ۽ ملڪ جا دشمن آهن- وري سنڌين کي ممتاز علي ڀٽي جي معرفت چوندو هو تہ مهاجر ۽ پنجابي سنڌين جا دشمن آهن، تن کي درست ڪرڻ لاءِ رت جون نديون وهائڻ گهرجن.

هاڻ اهڙي ماڻهوءَ کي ملڪ جي يڪجهتيءَ، سالميت ۽ تحفظ جو ڪهڙيءَ طرح رکپال سڏي سگهجي ٿو، سو سيڪو صاحب راءِ سمجهي سگهي ٿو.

# پٽو حد درجي جو ڪوڙو آهي

مٿي ڏيڪاريل چارجن مان هڪ اها به چارج آهي ته هيءُ بنيادي طرح ڪوڙو آهي. هن تـي ميڪاولي ۽ گيوبلس جي تعليم جو اثر وينـل آهي. [ميڪاوليءَ جي تعليم اها هئي تـه مقصد حاصـل ڪرڻ لاءِ ڪهڙا به طريقا اختيار ڪرڻ جائز هئا؛ جنهنجو مطلب اهو [هو ته مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوڙ ڳالهائڻ، ڌوڪو [ڏيڻ ۽ غلط طريقا استعمال ڪرڻ سياست عمليءَ لاءِ ضروري ڪم هو. گيوبلس جـو هٽلر جو وزير نشريات هـو. ان جو چوڻ هو ته جيڪڏهن ڪنهن ڪوڙي ڳـالهه کي ڏهه دفعا دهرائبو تـه ماڻهو آهستي ڪري ان کي سچ سمجهڻ لڳندا؛

هيٺ جا چند مثال ماڻهن جي ڌيان تي آڻڻ مناسب ٿو سمجهان:

(۱) هيءُ جڏهن ولايت مان پڙهي سنڌ ۾ آيو تـه ان وقت غلام محمد خان گورنر جنرل مغربي پاڪستان جي جملي صوبن کي گڏي، هڪ طرف ون‌يونٽ بنائي ۽ ٻئي طرف اهل بنگال جي اڪثريت واري صوبي جي

وزيراعليٰ خواجہ ناظم الدين کي ٻسمس ڪري، هڪ بوگس بنگاليءَ مسٽر محمدعلي بوگرا کي گهرائي، حڪومت هلائڻ شروع ڪئي، مغربي پاڪستان ۾ ون يونٽ قائم ٿي، تہ ننڍين صوبن طرفان انجي مخالفت شروع ٿي. پيٽي صاحب هن تحريڪ کي پاپوار سمجهي، ون يونٽ جي خلاف هڪ ڪتاب لکيو. جڏهن محترم جي- ايم- سيد جي جاءِ تي ون يونٽ جي مخالفت ڪندڙ جي ون يونٽ جي خلاف هاچل هلائڻ لاءِ صلاح مصلحت واسطي ميٽنگ سڏائي تہ پيٽو صاحب بنا دعوت جي ان ۾ اچي شريڪ ٿيو. جنهن تي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ، جيڪو سندس ضلعي جو رهاڪو ۽ پيٽي خاندان جي حڪومت پرستيءَ ۽ ابن الوقت پاليسي کان بخوبي واقف هو، اعتراض ورتو تہ هيءُ هن ميٽنگ ۾ ڇو آيو آهي. ان تي مسٽر جي-ايم- سيد ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ کي چيو تہ هن ون يونٽ جي خلاف ڪتاب لکيو آهي، ۽ هن وقت پاڻهي چاڙهي هن تحريڪ ۾ حصي وٺڻ لاءِ آيو آهي، تہ ڇو هن کي بي عزتو ڪري ميٽنگ مان ڪڍي ڇڏجي. ان تي حيدر بخش جتوئيءَ چيو تہ جي اهل مجلس جي راءِ آهي تہ ڀلي آزمائي ڏسنس. ٿين ڏينهن کانپوءِ پيٽي صاحب جو شيخ عبدالمجيد ۽ جي-ايم-سيد کي خط پهتو تہ ”ون بعد ۾ وچي غور ڪري معلوم ڪيو آهي تہ هيڙي نازڪ وقت ۾ ون يونٽ

جي مخالفت ڪرڻ ٺيڪ نہ آهي- ان ڪري منهنجي ڪاميٽيءَ تان استعفا قبول ڪريو-"

هن ڪي سندس بيحد اصرار تي، پنجن ڇهن جي ان ڪاميٽيءَ تي ڪنيو ويو هو، جنهن ڪي سنڌ ۾ وچي ون يونٽ جي خلاف پرچار ڪرڻو هو.

غورڪرڻ بعد پتو پوندو تہ هيءُ صغيرپار ڪونہ هو. ون يونٽ خلاف ڪتاب هن ڪان ڪنهن زوريءَ ڪونہ لکايو هو- ميٽنگ ۾ دعوت ڏيئي هن ڪي ڪنهن گهرايو ڪونہ هو. ون يونٽ خلاف پروپيگنڊا ڪرڻ لاءِ نااهيل ڪميٽيءَ تي سندس نالو ڪنهن زوري ڪونہ ڏنو هو. پر هن چاٺي واٺي هڪ طرف سنڌين ۾ شهرت حاصل ڪرڻ، ۽ ٻئي طرف وقت جي سرڪار ڪي بلڪ ميل ڪري فائدي حاصل لاءِ اهو رنگ رچايو هو-

(٢) غلام محمد گورنر جنرل جي حڪومت طرفان جڏهن سنڌي ڪارڪنن ڪي سيڪيورٽيءَ هيٺ جيلن ۾ موڪلو ويو تہ هن انهن جا مفت ڪيس ڪٺي، ڪورٽ ۾ انهن جي پوٺيواري ڪئي هئي. ليڪن انهن سڀني ڳالهين ۾ هن جي ڪابہ سچائي نہ هئي. آئندي لاءِ سرڪار ۾ پنهنجي اثر ويهارڻ ۽ قيمت وٺڻ لاءِ ائين پئي ڪيائين جڏهن جنرل اسڪندرمرزا ۽ جنرل ايوب ملڪ سان مارشل لا لڳائي، مرڪزي ۽ صوبائي اسيمبليون لوڪلبورڊ ۽ ميونسپالٽيون رد ڪري، حڪومت هلائڻ

شروع ڪئي ته هن ڪي باوجود سياست ۾ ان تجربيڪاري جي، وزارت ۾ جمهوريت جي خلاف سنــو ڪارڪن سمجهي ڪنيو ويو-

(٣) هن انهيءَ دور ۾ جنرل ايوب خان کي راضي ڪرڻ لاءِ سندس جملي پاليسين کـي ساراهيو ۽ بنيادي جمهوريتن کـــي رائج ڪرڻ ۾ مـدد ڪئي. ڪيس بابو سڏيندو هو. ايوب کـي ڪامريڊ لينن، مصطفيٰ ڪمال، صلاح‌الدين ايوبـيءَ ۽ ابراهيم لنڪن جـا خطاب ڏئي، ائين ظاهر ڪيو تـه جيڪڏهن شاه لطيف زنده هجي ها ته ان کي گلن جا هار پارائي ها. انهيءَ ساڳي ماڻهوءَ کي مس فاطمه جناح جي برخلاف هر طرح جـي ذليل طريقن سان‌ووٽ ڏياري، لکين روپيا اگهاڙي، خرچ‌ڪرائي ڪامياب ڪرايو. پر جڏهن ڪيس ڪـڍي، ان جي جاءِ وٺڻ جو موقعو آيو، تـه ان ساڳي بابي (ايوب) کـي ظالم، آمر ۽ بين ڪيترن غليظ نالن سان سڏي، پاڻ کي جمهوريت جو نمائندو ۽ علمبردار سڏايو. انهيءَ سندس جمهوريت واري دور جا احوال هـر ڪنهن کي معلوم آهـن. ان کـان وڌيڪ ڪوڙ ۽ ڏوڪو کهڙو ٿـــي سگهي ٿو.

٣ـ هيءُ جڏهن به ڳالهه ڪندو آهي ته ظاهر ۾ هڪ ٻوليندو آهيءَ اندر ۾ ٻي ڳالهه هوندي اٿس. جڏهـن

وليخان وارن جي نيشنل عوامي پارٽيءَ سان صلح ڪري انهن جي مخالفت ڪري هٽائڻ لاءِ انهن کي وزارتون ڏنائين ۽ جملي مخالف پارٽين کي ڌوڪا ۽ ڪوڙ ٻڌائي آئين پاس ڪرايائين ته انهن کي طرح طرح جا دلاسا ۽ يقين ڏيارائين- پر ڪم بعد اکيون ڪڍي ڦيرايائين. پوءِ نيشنل عوامي پارٽيءَ وارن کي جيلن ۾ وجهي مٿن ڪيس هلايائين. بلوچن تي بمباري ڪرائي سندن چوپائي مال کي نيلام ڪرايائين. سندن عورتن جي بيعزتي ڪرايائين اڪبر خان بگٽيءَ کي بلوچن کان ڌوڪو ڏئي جدا ڪرائي ان کان مخالفت ڪرايائين. جماعت اسلامي جي امير مولانا طفيل احمد کي جيل ۾ وجهي سائس حيا سوز حرڪتون ڪرايائين. جي-ايم سيد کي ڳهرائي ولي خان وارن سان ناهه لاءِ ڪتب آڻي پوءِ ڪيس اڻ چاڻايل مدي تائين نظر بند ڪيائين بلوچستان جي ماڻهن کي ڪوهه ڪوٽائي انهن ۾ قيد ڪري رکيائين. جيڪي اڃا تائين انهن ۾ پيا آهن. ماني ۽ پاڻي مٿان رسين وسيلي ڦٽو ڪيو ويندو هئن. لڪين بلوچن کي بلوچستان مان لڏرائي سنڌ ۾ دربدر ڪري، پنڻ ۽ ڌڪا کائڻ لاءِ مجبور ڪيائين.

شاه لطيف، قلندر شهباز ۽ ٻين ولين جي درگاهن جي ڪمائي ٽرسٽ هيٺ آڻي مرڪزي حڪومت جي سنڀال هيٺ هڪ ڪميٽي صفت وزير ڪوثر نيازيءَ جي هٿ هيٺ ڏنائين. شاگردن کي جيلن ۾ وجهي، انهن جي

عزيزن مائرن ۽ ڀينرن کي ٽاٽي تي گهرائي لاڪاپ ۾ ۾ رکرائي بي عزتيون ڪرايائين سندن ڏوهه صرف اهو هو ته پنهنجي جهڙي ڪميني صفت ماڻهوءَ جي نام نهاد پيپلزپارٽيءَ ۾ داخل ٿيڻ کان انڪار ٿي ڪيائون. يا سنڌ جي حقن لاءِ آواز ٿي اٿاريائون. هاڻ اهڙي ڪميڻه صفت ماڻهوءَ لاءِ سندس دلال جن سنڌس دور حڪومت ۾ بليڪ مارڪيٽنگ، راشن شاپن، مقاطعن ۽ رشوتن وغيره جي طريقن سان پيٽ ڀريا هئا- ڪيس سنڌين جو همدرد غريبن جو همدرد مهاجرن ۽ پنجابين جي ظلم جو شڪار ۽ هم صفت موصوف سڏي ”جيئي ڀٽو“ جا نعرا هڻي دردر پرچار ڪري رهيا آهن-

اهڙيءَ حالت کي ڏسي افسوس اهو آهي ته نه ملٽريءَ وارن کي، نه سنڌين کي، نه اهل پنجاب ۽ سرحد ۽ بلوچستان جي رهاڪن کي غيرت ٿي اچي جو اهڙي پرچار ڪندڙن کي سڌيون ٻڌائين! پر رهندو انهن جي پرچار کان ڀنيلجي، چئي رهيا آهن ته پيرپاڳارو بيشڪ سيد آهي. سندس والد به انگريزن سان وڙهي شهيد ٿيو هو. ليڪن ”سر سيد جو ۽ ووٽ ڀٽي جو!“

اي سنڌيو! ڪجهه شرم ڌاريو. هڙي ڪوڙي، ذليل ۽ ظالم ماڻهوءَ کي هيرو بنائڻ کان متي ڪابه بي عزتي يا بي ايماني نه ٿي ٿي سگهي. ڀٽي کي اهميت ڏيڻ کان ٻهتر آهي ته ڪنهن ڪتي کي پڳ ٻڌائي ان

جي پوڄا ڪريو.

افسوس صرف عوام، جاهل ۽ اڻ پڙهيل ماڻهن جي حالت تي نه آهي ڏسڻا وائسڻا پيرن مخدومن ۽ جتوئين جهڙا خاندان پبلڪ جي اڳيان پنهنجي صاحب جون گاريون لعنتون ۽ ملامتون جهليو تڪر پورا لاهه اچا تائين سندس نوڪر ۽ تابعدار ٿي پيا هلن!

مير رسول بخش ٽالپر حڏهن پنهنجي هتان مخدوم صاحب هالا، پير غلام رسول شاهه ۽ ٻين ڪيترن ميمبرن ۽ خاندانن کي بي عزتو ٿيندو ۽ گاريون جهليندي ڏٺو ته پنهنجي کي چيائين ته "پنهنجا صاحب پنهنجي همدرد ۽ مکيه ڪارڪن خاندانن سان اهڙي روش نيڪ نه آهي." ته چيائين ته "مير صاحب! اهي ڪتا آهن، انهن کي وات ۾ گوشت ٽڪر ڏئي پوءِ موچڙو ڪٽيو پيو ڪٽين، ڪين ڪڏهين به غيرت نه ايندي."

پڙهيل ماڻهن تي عجب آهي ته نوڪريءَ خاطر يا رشوت ڪاڻي پيٽ پرڻ خاطر اهي به اهڙي ڪميڻه صفت ماڻهوءَ جي تعريف مان نٿا ڍاپن. ڪيس سنڌي سڏي عوامي ڦهر ڪان بچائڻ لاءِ پروپيگنڊا ڪندا وتن ٿا. حيف آهي اهڙن ماڻهن تي جي پنهنجي جهڙي ظالم، زاني، شرابي ۽ سنڌ دشمن ماڻهوءَ جي ساراهه ڪن ٿا. خدا جي لعنت پوي پنهنجي ۽ ان جي طرفدارن تي! خدا ساڃهه ڏيندو سمجهه وارن سنڌين ۽ ٻين پاڪستان جي رهاڪن کي

جي نہ صرف يئي پر ان جي جملي مکيہ حامين کي
کيفر کردار تي پهچائين ۽ جهنم نصيب کن.

قرآن ۾ چاڻايل آهي تہ "لعنت الله علي الڪاذبين"
يعني "ڪوڙن تي خدا جي لعنت هجي."

مٿي ڏيکاريل حقيقتن مان معلوم ٿيندو تہ يئو ڪوڙو
آهي ان ڪري ان تي خدا جي لعنت پوي. ٿي جيڪو
خدا جي لعنتين جو حامي يا طرفدار ٿئي ٿو. اهو بہ اهڙي
ئي گناهہ جو مرتڪب ٿئي ٿو.

قاضي فيض محمد هڪ وقت جڏهن .يئي جي جوروستم
کان ملڪ ڇڏي، جلاوطن ٿيو هو تہ هڪ تقرير ۾ چيو
هئائين تہ "يئو نہ صرف بدمعاش آهي. پر انهن جو سردار
آهي" ان ڪري يئي جي حمايت ڪندڙ بہ اهڙا ئي
ڏوهاري شمار ڪري سگهجن ٿا. خدا کين هدايت نصيب
ڪري. جو هن ڪميڻ صفت انسان جي طرفداري ڇڏي
ڏين نہ تہ خدا جي جنهن تي لعنت پئي آهي، انهيءَ سان
هنن کي بہ شريڪ ٿي پوڻو پوندو.

# پنهنجي ملڪ کي بداخلاقيءَ جو اڏو بڻايو هو

بداخلاقي وسيع لفظ آهي، جنهن ۾ هر طرح جون برايون شمار ڪري سگهجن ٿيون. مثلاً:- زنا، شراب خوري، ظلم، رشوت خوري، گونڊا ڏاري انهن کان بچڙا ڪم ڪرائڻ، ڪوڙ ڳالهائي ماڻهن کي برغلائڻ، ڏوڪيبازي ڪري ماڻهن کي گمراهه ڪرڻ، ملڪي ملڪيت چند ماڻهن جي حوالي ڪرڻ- وغيره بداخلاقيءَ ۾ شماري ڪري سگهجن ٿيون.

١- زنا:- زنا جي معنيٰ پرائي عورت سان ناجائز تعلق قائم رکڻ آهي. پر جي ان کي وڌائي وسيع معنيٰ ۾ وٺبو ته لونڊي بازي يا مفعوليت به ان ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا.

پيئو ۽ ان جا ڪيترا ساٿي نه صرف زاني، آهن پر زنا کي فروغ ڏئي مروج بڻائڻ جا حامي آهن. هڪ ڏينهن ڪامريڊ ميرمحمد خان کي چام صادق علي چيو ته ان مير اسان کان به زور ٿي ويا. اسان ۽ پيا پنهنجي کي راضي ڪرڻ لاءِ هڪ به رنون مهيا ڪري

راضي ڪريون ٿا، پر اوهان مير تہ ڳاڏا پيري خوشامد ڪريو ٿا ٿنڊي محمد خان ۾ پٽي جي آمد وقت اڪثر سيلون ڳاڏا انهيءَ ڳالهہ جو ثبوت پيش ڪن ٿا.

هڪ ڏينهن مير رسول بخش خان کي پٽي صاحب فرمايو تہ ”سامهون جيڪي چار مرڪزي وزير اچي رهيا آهن، سي سڀ ڳانڊو آهن.“ ناالا سڀني پاڪستانين اکي معلوم آهن، ان ڪري ونڻ نيڪ نہ ٿا سمجهون. ان تي مير صاحب کيس چيو تہ ”سائين اوهان بہ ڳانڊو وزيرن جو ڏڻ کٽي ڏاريو آهي!“ جنهن تي جواب ڏنائين تہ ”اسان جيڪي ڪڏا ڪم ڪريون ٿا، انهن لاءِ اهڙن ماڻهن کان ڪم نہ وٺبو، تہ اشراف ٿوروئي اهڙا ڪم ڪندا.“

نہ رڳو پٽو صاحب، پر ان جا اڪثر ميمبر الناس عليءَ دين ملوڪهم (ماڻهو پنهنجي حاڪمن جي پيروي ڪن ٿا) موجب اهڙيون رنگ رليون ملهائيندا رهيا هئا. اسان وٽ اڪثر صاحبن جا احوال معلوم آهن، پر حياءَ جون حدون اورانگهڻ نہ ٿا چاهيون ان ڪري ان تي ٿي پڇاڙي ڪريون ٿا. مسلم سربراهہ ڪانفرنس جي موقعي تي ۽ لاڙڪاڻي ۾ ”زيدبن سلطان زناني اسپتال“ جي افتتاح ۽ ٻين ڪيترن موقعن تي ٻاهرين مهمانن کي جيڪي رنون سپلاءِ ڪيون ويئون هيون، اهي ڳالهيون ڪنهن کان لڪل نہ آهن.

## ٢- شراب خوري:-

پنهو صاحب نه رڳو پاڻ شراب پئي ٿو، پر سندس اڪثري ساٿي انهيءَ مرض ۾ مبتلا آهن. مرحوم گل محمد شاهه سيوهڻ واري جي دعوت تي شراب پي پني جو اگهاڙو ٿي نچڻ جا واقعا، جن ماڻهن ڏٺا هئا مي زنده آهن. اورينٽ هوٽل ۾ شراب پي، رنن اڳيان مد هوش ٿي، پوءِ انهن مان ڪن ڪي سيلون ۾ گهراڻ جا واقعا جن ماڻهن ڏٺا، انهن شاهدن مان هڪ امريڪن سفير به شاهد آهي.

اهو به ٻڌو ويو آهي ته پنهي صاحب جي گرفتاريءَ وقت سندس گهر مان ڪيترائي شيشا شراب جا نڪتا هئا. چوٽي آهي ته "عذر گناهه بدتر از گناهه"- هيءُ پاڻ شرابي، هن جا اڪثري ساٿي شرابي- هن جي ڪيترين محفلن جو رنگ انهيءَ لال پاڻيءَ سان لڳندو هو- تنهن ڪري، سندس اڪثر ميزبان انهيءَ شيءِ جو دعوت مهل انتظام ڪرڻ ضروري سمجهندا هئا.

تنهن هوندي به هن حڪومت جي آخري ڏينهن ۾ ويندي مهل شراب تي بندش تي وجهي، دنيا کي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي، ته هن شريعت جو پابند ٿي ائين ڪيو هو. اهڙن ماڻهن کي منافق سڏبو آهي.

"لِمَ تقولون ما لا تفعلون"- (اهو چئو نه، جيڪو

ڪري نہ سگهو)، آيت ﷲ هڙن ماڻهن لاءِ ڪم آيل آهي.

مسلم سربراهہ ڪانفرنس جي موقعي تي هن جيترا شراب جا ڪوڪا گهرائي، مسلم مهمانن جي ضيافت ڪئي هئي، ان لاءِ لاهور جون اخبارون ۽ رسالا شاهدي ڏيئي سگهن ٿا.

آخر انهن ڪارنامن هوندي بہ ڪي سنڌ جا ماڻهو سائين جي-ايم-سيد، جيئي سنڌ جـــي ڪارڪنن، ۽ پير صاحب پاڳاري ۽ ٻين دين جي بزرگن تي هن کي ترجيح ڏئي، ڪيس مهاجرن ۽ پنجابين جي ظلم جو شڪار سڏي، همدردي ڪن ٿا، تہ ان جي معنيٰ پڌري پئي آهي تہ ڀٽي جي دور ۾ جن رشوتن ورتيون، جن ڪڻڪ ۽ ٻيو سامان بليڪ مارڪيٽ ۾ وڪڻي پيسا ڪمايا، مقاطعن ۽ ٻين طريقن سان لکا پتي ٿي ويا، تن کي اڃي پيٽ ۾ ولهوڻو پيو آهي تہ ڀٽي ڪاٿ پوءِ سندن رزق تي لت اچي ويندي! ان ڪري، اهي جاهل عوام کي گمراهہ ڪري رهيا آهن.

اسان کي اها پرواهہ نہ آهي. آخر اهي ئي مسلمان هئا، جن امام حسين عليه السلام کي يزيد زانيءَ ۽ شرابيءَ جي حڪم تي ترجيح ڏئي، ڪيس شهيد ڪري، سر نيزي تي گهمائي، سندن اهل بيت کي موصل ۽ دمشق جي بازارن ۾ پيادو گهمائي بي حرمتي ڪئي هئي، انهن جون چادرون لاهي ننگي سر ڪيو هو. انهن جي

هو، جنهن پيٽي کي سنڌ جو محافظ ۽ خيرخواهه سڏيو هو، جنهن پيٽي جي-ايم-سيد کي سنڌين جي حقن لاءِ گفتگو تي نظر بند ڪيو هو.

## ٣- ظلم:-

پيٽي جي دور حڪومت ۾ عام سنڌين ۽ سنڌ جي خيرخواهن تي جيڪو به ظلم ٿيو آهي، ان جي جهلڪ اڳي ڏيکاريل آهي. هيءُ صاحب ئي آهي، جنهن بلوچ قوم پرست اسدالله مينگل، اشوڪ ڪمار، پير صاحب پاڳاري جي حرن، ۽ اليڪشني ڌانڌلين خلاف احتجاج ڪندڙ هزارين ماڻهن کي مارايو هو، ان تي پيٽي جي دلالن کي غصو ۽ ڪاوڙ نه آئي. ليڪن هن ظالم ۽ سندس ظالم حوارين خلاف جڏهن ملٽري حڪومت طرفان جائز قدم کنيو ويو ٿو، ته هانءُ ڦاٽي ٿو پوين. آخر اهو تفاوت ڇو؟ ڳالهه پڌري پئي آهي ته انهن ماڻهن ۽ سندن آقائن جا، عوام کي ڦري پنهنجا پيٽ ڀرڻ وارا منصوبا، ملٽري حڪومت سڀ ختم ڪري ڇڏيا آهن، ان ڪري گهوڙا گهوڙا سڄائي ڏني اٿن. هي جيئي پيٽو جو آواز اٿارين ٿا، ته اسان لاءِ ٻيو طريقو جواب ڏيڻ جو رهيو ئي نه آهي ته چئون: مري پيٽو

۽ ناس ٿئي پئو- زبون ٿين ان جا دلال- خدا ڪين غارت ڪري، جن سنڌ جي خيرخواهن سان هيڏا ظلم ڪيا، شال! توفيق ملي انهن مهاجرن ۽ پنجابين کي جن پنهنجي سورن خاطر ٿي پر اسان جي گڏيل دشمن ڪان وير ورتو آهي.

# رشوتخوري

رشوت خوري اڪثري حڪومتن ۾ رائج رهي آهي ۽ هلي پيئي، ويندي سعودي عربيا ۾. اتي جڏهن ڪو ماڻهو رسول اڪرم جي روضي ڪي چمي ڏئي ته پوليس وارا لڪڻ ٿا هڻن- پر جي ٻه چار ريال ڪٽي تري ۾ تي رکجن ٿا ته منهن ڦيرائي ٻئي طرف ڪري ڇڏين. ۽ چون ته چمي ڏئي وٺو- اسان جا ڪجهه دوست امير حمزي عليه السلام جي مقام تي ويا. ختمي ڏيڻ جي منع هئي. پر دربان کي پنج ريال ڏنا ويا، ۽ ان بعد ختمو ڏنو ويو، ته هن ڪجهه به ڪونه- پر هر ڳالهه جي حد ٿيندي آهي.

هتي سنڌ ۾ پٺي جهي دور حڪومت ۾ اها حالت ٿي هئي، جو ويندي وزيراعظم کان وٺي رواجي وزيرن، ميمبرن، انهن جي دلالن، عملدارن ۽ پوليس وارن تائين، جيستائين رشوت نه ٿي ڏني ويئي، ته ڪم ڪونه ٿيو. ميمبرن جا دلال پٽ عهديدار، پوليس ۽ ٻين ڪامورن سان سنمک ٿي، ڪجهه پاڻ ۽ ڪجهه

ڪامورن ڪي ڪارائيندا آهن. اهو هڪ مستقل مفاد جو ڪلاس پيدا ٿي پيو هو، جو نيم آفيشل پوزيشن وٺي ويو آهي. ڪنهن جي مجال نه هئي جو هنن جي حڪم جي انحرافي ڪري يا ڪين رشوت وٺڻ کان روڪي سگهي ها. هتي رشوت خوري رواجي ڏنڊو ٿي پئي آهي. ڳوناڻن کان ڪو پڇي جاچ ڪري ڏسي ته پتو پئجي ويندو. تازو هڪ سيد سگوريءَ جو پير غلام رسول شاه جي طفيل سب انسپيڪٽر ٿيو هو. پنهنجي پرواري علائقي مان هڪ لک روپيا ڪمايا آهن ۽ ماڻهن سان ظلم ڪيا آهن. ماڻهن جي پڪارڻ جي باوجود، هو ملڪ سڪندر ۽ پير غلام رسول شاه لاءِ ڪليو ڪلايو ورڪ ڪندو ۽ جيئي پتو چوندو وتي، ته ڪيس صرف بدلي ڪيو ويو آهي. چاڪاڻ ته پٽي پارٽيءَ جي مکيه ميمبرن جو رڪايل ۽ دلال آهي. ٿاڻي بولا خان ۾ خادم حسين مختيارڪار، سب انسپيڪٽر ۽ پيا پوليس جمعدار رشوتون وٺي ماڻهن کي ستائيندا رهن ٿا، ۽ جيئي پتو چئي، اتي پٽي پارٽيءَ جي ورڪ ڪندا رهن ٿا، ته ڪين ڪوبه هٿ نٿو لائي. هن وقت سنڌ ۾ سنڌي ڪامورن جي گهٽائي، جا پٽي جي طرفدار ٿي پرچار ڪندي ٿي وتي، اُن جو ڪارڻ پڌرو پيو آهي ته هنن پٽي جي دور ۾ رشوت سان گهر ڀري ڇڏيا آهن. هاڻ هنن کي ڊپ آهي ته جي پتو وري اقتدار ۾ نٿو اچي ته ڪين اهي پئسا

او ٻاچٽا پوندا، يا گهٽ ۾ گهٽ اهو روزگار بند ٿي ويندو، ان ڪري لاهي پاهي سنڌس ورڪ پيا ڪندا وتن ٿا. هنن ڪي جيئي سنڌ وارن لاءِ ڪو ارمان ڪونہ ٿو ٿئي. جيڪي سنڌ جي حقن لاءِ سختيون ۽ جيل جون صعوبتون سهندا رهيا آهن، پر هن بدنام- ملڪ پٽي لاءِ هيٺئون ٿو ڦاٽين. جيئي سنڌ وارا جيڪڏهن سنڌ جي جيارڻ جو نعرو هڻن ٿا تہ جيئي سنڌ جو نعرهو ٿمن ٿا. چاڪاڻ تہ انهن جو تعلق سمري ۽ سنڌ جي مفاد سان آهي. ليڪن هي جيئي پٽو چون ٿا، چاڪاڻ تہ ان جي دور حڪومت ۾ رشوتون وٺي لکن جا مالڪ بنيا آهن.

—

## ڳونڊا ڌاري انهن کان ٻچڙا کم ڪرائڻ:

جيئن ته پاٽاريدار، ظالم زميندار ۽ آمر حاڪم پنهنجي طاقت قائم رکڻ، ماڻهن کي هيسائڻ، ڦرلٽ ڪرڻ، مخالفن جي آواز کي گهٽڻ، سچ جي ڳالهه چوڻ کان روڪڻ جو پرچار نٿا ڪري سگهن، ڇاڪاڻ ته اها ڳالهه ملڪي قاعدي ۽ معاشري جي دستور جي خلاف آهي، ان ڪري هي ماڻهو چند لوفر ۽ بدمعاش ڌاري، ڪين ماڻهن جي ڦرلٽ ڪري پيٽ ڀرڻ جي اجازت ڏئي، پوليس ۽ ڪامورن جي هٿ مان آزاد ڪري، ڪجهه ڪارائي پياري طاقتور بنائي، پنهنجي لشڪر طور ڪم آڻيندا آهن. اهڙيءَ ريت هو ملڪ ۽ ماڻهن تي حڪمراني ۽ اثر قائم رکندا آهن. جيئن ته ماڻهو اڪثر غريب آهن. انهن جو اوهي واهي ته هوندو آهي، انهن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسڻ، مال ۽ ملڪيت چوري ٿيڻ، زال ڪڄي وڃڻ، ٻني ڪسجڻ ۽ خواهه مخواهه دوست محمد ابڙي، لاڙڪاڻي جي وڪيل وانگر موچڙن کائڻ جو هميشه خوف رهي ٿو. ان ڪري، مٿي ذڪر ڪيل غنڊن جي

گروهہ کان ٻچي سنڌ ۾ هٿ هيٺ رهن ٿا. پيٽو صاحب خود به انهيءَ گهراڻي سان واسطو رکي ٿو. جنهن جو قديم وقت کان گوندا پائيندو رهيو آهي، ان ڪري سنڌ ۾ مثال مشهور ٿي ويو آهي "پيٽڪا ڪم". يعني بدمعاشي جا ڪم. پيٽي جو ڏاڏو بدمعاشي جي ڪمن ۾ مشهور هو. هن کي هڪ هندو مختيارڪار ۽ هڪ سيد سب انسپيڪٽر جي رپورٽن تي هڪ انگريز ڪليڪٽر ١١٠ ۾ رجوع ڪيو هو. بعد ۾ ان هندوءَ مختيارڪار کي پيٽي صاحب گاڏيءَ جي بيلر ۾ وجهائي مارايو ۽ سيد کي ڇوارن هٿان کهاڙيون هڻائي، مارڻ جي ڪوشش ڪيائين. پر قدرت کيس مرڻ کان بچايو، پر نوڪريءَ ڪرڻ جي لائق نه رهيو، سڄي زندگي گهوٽ اچي گذارڻ لڳو.

هن ذوالفقار پيٽي تي به سندس ڏاڏي جو موروثي اثر آهي. هن سڄي پاڪستان ۾ طرح طرح جا وڏا ۽ ننڍا غنڊا ڏاريا هئا، جن وسيلي هو قتل ڪرائي ۽ ڌاڙا هڻائي، ماڻهن کي هيسائيندو رهيو آهي. سنڌ ۾ ممتاز پيٽو، غلام مجتبيٰ خان جتوئي، مخدوم امين فهيم، ملڪ سڪندر، پير غلام رسول شاهه جام صادق علي ۽ قمرزمان شاهه وغيره انهن مان چند وڏا غنڊا هئا، جن هن جي چوطرف گهيرو ڪري، ملڪي ماڻهن کي

هيسائي چڏيو هو. ڪيترا خون، ڌاڙا ۽ چوريون هنن ڪرايون. سوين ماڻهن کي جيلن ۾ وجهايو ۽ مارايو ويو. اڪثر ڪري غريب ماڻهو سندن ظلم کان هراسان رهندا هئا. رهن چونڊ، آخر سڀ ماڻهو ڪي ملائڪ يا بهادر ته نه آهن جو ههڙي ٻڙدونس واري آمرانه حڪومت ۾ سڀ مصيبتون سهي ماٺ ۾ رهندا.

---

# ڪوڙ ڳالهائي ماڻهن کي برغلائڻ

آمر، ڊڪٽيٽر ۽ ڏاڍا ماڻهو هميشه پنهنجن بڇڙن ڪمن جي جواز ۽ بچاءَ لاءِ، پنهنجن بڇڙن ڪمن کي لڪائي، پاڻ کي پنهنجن ثنا خوانن کان چڱو چوائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ان لاءِ اخبارن کي نوٽيس ڏيئي، خريد ڪري يا ٽرسٽ هيٺ آڻي، هيسائي، پنهنجي قبضي ۾ آڻي، پنهنجي ساراهه ۽ مخالفن جي گلا ڪرائيندا آهن. جيئن هٽلر انهيءَ ڪم جي چارج ۾ گيوبلس رکيو هو. ان وانگر پيٽي ڪوٺرنيازيءَ کي رکي، ڪم آڻڻ شروع ڪيو آهي. ان نه صرف اخبارن ۽ رسالن کي پنهنجي قبضي ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، پر مخالف اخبارن کي بند ڪرائي، ميٽنگن ۽ جلسن وغيره تي بندشون وجهايون هيون. پارٽين تي مختلف بهانا تلاش ڪري بندشون وڌيون ويون. جيتوڻيڪ انگلنڊ ۽ امريڪا جهڙن ملڪن ۾ سندن مخالف ڪميونسٽ پارٽين تي به بندش پيل نه هئي. پر هتي نعپ ۽ جيئي سنڌ وغيره جماعتون ممنوع ٺهرايون ويون هيون. ان بابت ڪافي ڪجهه بيان ٿي چڪو آهي، ان ڪري ٻيهر دهرائجي نٿو.

مطلب تہ ساري حڪومت پارٽيءَ ۽ ڪاروبار سياست کي ڪوڙ جي بنياد تي هلايو ٿي ويو. جا ڳالهہ سج وانگر روز روشن هجي، ان کي ڏيئي ڏيکارڻ مان ڪهڙو فائدو؟ هاڻ مسجدن، درگاهن، ڪاليجن، يونيورسٽين، شاگردن، مزدورن ۽ هارين کي پنهنجي ڪم آڻڻ بابت پيٽي وارن وڏا پروگرام رٿيا هئا، پر خدا ڪين حال ناس ڪيو آهي. اڳتي بہ ننگيءَ تي ننگ آهي تہ ان بلا کان ملڪ کي آزاد ڪرائي.

## ٧- ڌوڪيبازي:-

پيٽي صاحب جي مکيہ صفتن ۾ ڌوڪيبازي هڪ مکيہ گڻ آهي. ان تي گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي ۽ پيهر ورجائڻ اجايو آهي. هن سڀ ڳالهہ پنهنجي هٿ ۾ رکي هئي. سندس ذات کي اسلام، پاڪستان ۽ سنڌ کان بهتر چائي، هن پنهنجي مشهوريءَ لاءِ ”جيئي پيٽو“ جو نعرو ايجاد ڪيو آهي. جنهن جي معنيٰ اها ٿي تہ پيٽو ۽ ان جا ڪارناما جيئن بہ دنيا وچي ڪڏ ۾ پوي. پر اهو ڌوڪو ڪيسين تائين هلي سگهيو ٿي. حال تہ مختلف لالچن ۽ دٻ وغيره ڪري ان وظيفي جو اثر هلي پيو، پر پيٽو ڪيستائين جيئندو؟ اسلام يا پاڪستان ۽ سنڌ جي سگهن ٿا. پر هڪ شخص ۽ سندس حواري ڪيتري بہ ڪوشش ڪن، سدائين زنده نہ رهي سگهندا. سندس ان

ڏوڪي جو خاتمو ويجهو اچي ٿيو آهي. پر ملٽريءَ وارن کي همت ڪان ڪم وٺي سندس حوارين کي ختم ڪرڻ گهرجي تہ ملڪ تان و بال لهي. نہ تہ بيءَ صورت ۾ ماڻهن جيئن اليڪشني ڏانڌلين کان پوءِ همت ۾ بغاوت ڪري پٺي کي ڪڍايو، تيئن هنن گوندن کي ختم ڪرڻ لاءِ بہ مجبور ٿيندا. پر ملٽريءَهٿان نڪرڻ قانوني ۽ سولو طريقو ٿيندو، باقـــي ماڻهن طرفان قاعدي جي ڀڃڪڙي ڪري ڪين ختم ڪرڻ، انتشار ۽ سول وار لاءِ سبب بڻبو. خدا شـل موجوده قانونن جي رکوالن کي هدايت ڏئي، تہ انهن، سنڌ جي ٢٠ مکيہ غنڊن کي ختم ڪري ثواب دارين حاصل ڪن!

# ملڪي ملڪيت چند ماڻهن جي

## حوالي ڪرڻ:-

پٿي، پنهنجي چوڌاري جيڪو گوندن ۽ چمچن جو ٽولو گڏ ڪيو آهي، انهن کي هيٺين طريقن سان نوازي، قومي ملڪيت کي نقصان پهچايو ويو آهي.

۱- سمنڊ ۽ خشڪيءَ رستيءَ سمگلنگ ڪرڻ جي چند ماڻهن کي اجازت ڏيئي، ڪين ڪروڙن جو مالڪ بڻايو ويو آهي. انهن مان مکيه (۱) عبدالحفيظ پيرزادو، (۲) ممتاز علي ڀٽو، (۳) ولي‌محمد چاموٽ (۴) ۽ ڪراچيءَ جا ڪجهه واپاري آهن. ٻيا سوين سندن ماتحت ڪم ڪري پنهنجا پيٽ پيري رهيا آهن.

۲- خشڪي رستي هيٺين مکيه ماڻهن کي سمگلنگ ڪرڻ لاءِ پشت پناهي ڪئي ٿي ويئي:

۱- غلام‌محمد خان مهر (۲) ٿر وارا ارباب (۳) پير غلام‌رسول شاهه (۴) ملڪ سڪندر خان، (۵) انهن جا ڪجهه چاڙتا.

۳- ماڻهن کي ورسائڻ جو ٽيو طريقو رشوتون ڏيڻ ۽ ڏيارڻ، مقاطعن، ڊيپوشاپن، ڪنڊ جي ڪارخانن،

اخباري اشتهارن جو طريقو هو- جنهن ذريعي هن پنهنجي چمچن کي لک پتي ڪري ڇڏيو هو. جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي قائم مقام صدر عبدالصمد ڪانڌڙي، مارشل لا اختياريءَ وارن کي جيڪا درخواست ڪئي آهي، ان ۾ ان جا ڪجهه مثال پيش ڪيا ويا آهن. وڏيڪ گوشوارن جي جاچ پڙتال بعد ملٽريءَ وارن کــــي پاڙهي پتو پئجي ويندو.

ٽتي ڊيڪاريل لسٽ ۾ ناڻون ڪارڻ (غنڊن ۽ بدمعاشن جي همت افزائي) بيان ٿي چڪو آهي.

---

# اجايا خرچ ڪري ۽ قرض ڪڻي ملڪ کي ڏيوالي جي دروازي تي پهچايو ويو آهي

مالي ماهرن، چوڌري محمد علي جي بيانن ۽ ٻين اقتصاديات جي ڄاڻن، ان مسئلي تي اڳيئي گهڻو لکيو ۽ ٻڌايو آهي. جيئن ته اهو مسئلو نهايت پيچيده ۽ عام ماڻهن جي سمجهه کان مٿي آهي، ۽ ممڪن آهي ته ڪين انگن اکرن جي سمجهڻ ۾ دشواري ٿئي، انڪري مفصل بيان نٿو ڪجي.

مطلب ته پڻو صاحب ملڪ جي هر مرض جو ڪارڻ آهي. انهي وبا کي دفع ڪرڻ لاءِ يا ملٽريءَ جي موجوده دور جي جفاڪشي انٽيبايوٽڪ جي صورت ۾ ان کي دور ڪندي، يا عوام جو جوش ۽ غضب ! پهريون طريقو خطرناڪ آهي. ان ۾ سول وار ۽ خون خرابي ٿيڻ جو امڪان آهي. ٻيو طريقو سان بآساني اهو مرض دفع ٿي ويندو. پر سڀ مدار رکي ٿو وقت تي، جيڪڏهن ايندڙ اسيمبليءَ ۾ اِن موذي مرض

جو هڪ جيوڙو بہ داخل ٿي ويو تہ ممڪن آهي اهو وڏي وڇي ملڪ کي خراب ڪري. تنهنڪري ضروري آهي تہ پيپلس پارٽيءَ کي بي قانوني ٺهرائي، ان جي ٻڪي، ڪارڪنن کي سياست کان نااهل ٺهرائي، سزائون ڏيئي، ملڪ کي پاڪ ۽ صاف ڪيو وڃي.